سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو




خبرنامو

# سنڌي ٻولي

حيدرآباد




**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY HYDERABAD.**

# سنڌي نہ پڙهائيندڙ خانگي اسڪولن بابت 'شڪايت مرڪز' جو قيام




سنڌ جي خانگي تعليمي ادارن ۾ 'سنڌي مضمون' لازمي پڙهائڻ جي مقصدن تحت، سنڌ حڪومت جي تعليمي پاليسيءَ تي عمل ڪرائڻ لاءِ 23 آگسٽ 2022ع تي اداري جي سيڪريٽري جي سربراهيءَ ۾ هڪ 'شڪايت مرڪز' (center complaint) قائم ڪندي، محترم شوڪت چاچڙ کي انچارج مقرر ڪيو ويو آهي.

هن 'شڪايت مرڪز' جو مقصد سنڌي مضمون نہ پڙهائيندڙ تعليمي ادارن جي نشاندهي ڪري، تعليم کاتي معرفت سنڌ حڪومت جي پاليسيءَ تي عمل ڪرائڻ آهي. ان ڏس ۾ اٿارٽيءَ جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، پهرين سيپٽمبر 2022ع تي ڪراچيءَ ۾ سيڪريٽري تعليم(اسڪولز) محترم اڪبر لغاري ۽ ڊائريڪٽر (انسپيڪشنز اينڊ رجسٽريشن آف پرائيويٽ اسڪولز) محترمہ رفيعہ ملاح سان اهم گڏجاڻي پڻ ڪئي.

ڊسمبر مهيني تائين مختلف نجي اسڪولن جون 20 کان وڌيڪ شڪايتون موصول ٿيون، جن جو جائزو وٺي، تعليم کاتي جي سيڪريٽري ۽ خانگي اسڪولن جي ڊائريڪٽوريٽ کي خط لکيو ويو جنهن ۾ اداري طرفان سفارشون موڪليون ويون. جنهن تي هڪ هفتي اندر نتيجا ملڻ شروع ٿيا. سيڪريٽري تعليم جي هدايتن تي محترمہ رفيعہ ملاح نشاندهي ٿيل اسڪولن کي نوٽيس جاري ڪندي، ٿيمون موڪلي کين سنڌي مضمون لازمي پڙهائڻ لاءِ پابند ڪيو ان جي نتيجي ۾ 'دي سٽي اسڪول'، 'دي ايجوڪيٽرس' ۽ الصفيٰ اڪيڊمي اسڪول سميت ٻين خانگي اسڪولن جي انتظاميا طرفان 'سنڌي مضمون' لازمي ۽ روزاني بنياد تي پڙهائڻ جي خاطري ڪرائيندي، پنهنجن اسڪولن ۾ سنڌي ڪلاسن جو ٽائيم ٽيبل ۽ مقرر ڪيل سنڌي استادن جا تفصيل پڻ اختيارين کي موڪليا آهن.

# ڊاڪٽر اسحاق سميجو اداري جو نئون چيئرمئن مقرر



ناليواري شاعر، محقق ۽ سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي، سنڌ سرڪار پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن طور 05آگسٽ 2022ع تي ذميواريون سنڀالي ورتيون. ڊاڪٽر اسحاق سميجو اداري جي بورڊ آف گورنرز جو ٻه ڀيرا ميمبر پڻ رهيو آهي. چارج وٺڻ وقت اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل ۽ ٻين سينيئر عملدارن سندس آجيان ڪندي اجرڪ ۽ گلدستا پيش ڪيا.

خبرنامو
سنڌي ٻولي
حيدرآباد

جنوري-ڊسمبر 2022ع

جلد23: شمارو پهريون 2022ع

Email: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

چيئرمئن:
ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سيڪريٽري:
شبنم گل

ايڊيٽر:
سليم جروار

ڀائيوار ڀيلي:
شوڪت چاچڙ
نغمه ابڙو

ڪمپوزنگ:
راز محمد لغاري

فوٽوگرافي:
شوڪت شاهاڻي

پرنٽر: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشر حيدرآباد



سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي تحريڪ جي شروعات

# ”سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم“: افتتاحي تقريب





سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 27 سيپٽمبر 2022ع تي ”سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم“ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، ٻولي ۽ لسانيات جي ماهرن ۽ سڄاڻ ڌرين ڀرپور شرڪت ڪئي. سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو اظهار ڪندي چيو ته ڪنهن به ٻوليءَ جي مسيارجڻ جا اهم ڪارڻ، ٻوليءَ ڏانهن غير سنجيده رويو ۽ ان ٻوليءَ کي مسلسل نظر انداز ڪرڻ هوندا آهن. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياري، ان کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مضمون لازمي طور پڙهايو وڃي.

مهمانن کي ڀليڪار ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي تقريب جي مقصدن بابت آگاهه ڪندي چيو ته ”سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم“ هلائڻ جو مقصد ٻوليءَ جي وارثن کي سنڌي ٻوليءَ جي افاديت ۽ اهميت کان اجاگر ڪرڻ آهي، نه ته اسان جو نئون نسل شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ پنهنجي تهذيبي پس منظر کان ڪٽجي ويندو. هُن چيو ته جاڳرتا مهم سنڌ جي سمورن شهرن ۽ واهڻن تائين ڪٺي ويندا سين، جيئن نئون نسل پنهنجي ٻوليءَ جي بقا ۽ وجود کان واقف ٿي سگهي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته سنڌ جي تهذيب تمام گهڻي شاندار آهي، جنهن جا اهڃاڻ موهن جي دڙي مان ملن ٿا. هن ٻڌايو ته هن مهل دنيا ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارا 5 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو موجود آهن ۽ دنيا جي 7 هزار کان وڌيڪ ڳالهائجندڙ ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهم مقام آهي. دنيا جي 7 هزار کان وڌيڪ ٻولين مان ڪيترين ئي ٻولين مري چڪيون آهن. سنسڪرت ٻولي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ هڪ شاهڪار زبان هئي، پر سنسڪرت ٻولي پاڻ ميسارجي وئي ۽ هاڻي جهڙوڪر سنسڪرت متروڪ ٿي وئي آهي. هن ٻڌايو ته انگريزي زبان ۾ 60 سيڪڙو لفظ لاطيني ٻوليءَ جا آهن پر بدقسمتيءَ سان هاڻي لاطيني ٻولي به هڪ ورثي طور رهجي وئي آهي. هن چيو ته اسان جو مقصد ڪنهن به زبان سان نفرت کي هٿي وٺائڻ نه پر پاڪستان جي سمورين اصلوڪين ٻولين کي بچائڻ آهي. ڊاڪٽر اسحاق اردو ڳالهائيندڙ ڀائرن کي اپيل ڪئي ته اهي پنهنجن پنهنجن



علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ اسان جو ساٿ ڏين.

تقريب کي خطاب ڪندي **مهتاب اڪبر راشديءَ** چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي سماجي واهپي کي وڌائڻ، ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جذبي کي اڀارڻ لاءِ اسان کي پنهنجا رَوَيا مٽائڻا پوندا ۽ جديديت جي بهاني، پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيدا ٿيندڙ بگاڙ کي روڪڻو پوندو نه ته اڳتي هلي اسان جي سنڌي ٻولي، خدا نه ڪري سنسڪرت زبان وانگر رڳو ڪتابن ۾ محدود ٿي ناياب ۽ اڻلڀ ٿي ويجي. هن چيو ته ڪنهن به ٻوليءَ جي واڌ ويجهه گهر کان شروع ٿيندي آهي، تنهن ڪري سنڌ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين کي گهرجي ته اهي پنهنجن ٻارن کي ٻين ٻولين جا لفظ سيکارڻ بدران نج سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ڳالهائڻ لاءِ اُتساهين. هن مثال ڏيندي ٻڌايو ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ماسي‘ جو لفظ موجود هوندي به، گهڻي ڀاڱي سنڌين جا ٻار ان کي ’خالا‘ چوندا آهن، پڦيءَ جو لفظ هوندي به ان کي ’ٻُوٽا‘ ۽ چاچيءَ کي ’آنٽي‘ سڏيو ويجي ٿو. هن چيو ته اهڙي رَوش سان اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ بگاڙ پيدا ٿئي ٿو جنهن کي روڪڻ وقت جي ضرورت آهي. تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي اردوءَ جي وڏي عالم ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي **ڊاڪٽر جعفر احمد** چيو ته مادري زبان ڪنهن به فن کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مددگار ثابت ٿئي ٿي. هن چيو ته اردو زبان کي اسان جي رياست ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي، پر ان باوجود به اسان جي سرڪاري ادارن ۾ لکپڙهه انگريزيءَ ۾ ڪئي ويجي ٿي. هن چيو ته 75 سال گذري وڃڻ کان پوءِ به اسان تي اڄان تائين انگريزن جو اثر آهي. هن چيو ته قومون پنهنجي ٻوليءَ، ثقافت ۽ تاريخ سان سڃاتيون وينديون آهن.

ان موقعي تي ڳالهائيندي ناميارِي اديب **تاج جويي** چيو ته 1972ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ائڪٽ پاس ڪيو ويو پر خبر نه آهي، ڪهڙن سببن ڪري ان تي عمل تي نه سگهيو. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي حيثيت 1972ع واري ائڪٽ تحت بحال ڪئي وڃي. هن گهُر ڪئي ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيئي، سمورن سرڪري ادارن توڙي خانگي ادارن ۾ لکڻ پڙهڻ سنڌيءَ ۾ ڪيو وڃي، خاص طور تي سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي پنهنجو ڪاروهنوار سنڌيءَ ۾ هلائڻ گهرجي. هُن چيو ته ون يونٽ جي زماني ۾ رستن، ڳوٺن ۽ ادارن جا نالا ٻين ٻولين سان گڏ درست اُچارن سان سنڌيءَ ۾ به لکيا ويندا هئا، پر




اها رَوِش ختم ٿي وئي، جنهن مان لڳي ٿو تہ سنڌي ٻولي ميسارجڻ ڏانهن وڃي پيئي. هن چيو تہ پرائيويٽ شعبي کي پابند ڪيو وڃي تہ اهي پنهنجن پيداواري شين تي ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻولي بہ لازمي لکن. هن مثال ڏيندي چيو تہ گڏيل عرب امارات ۾ جيتوڻيڪ 90 سيڪڙو غير مقامي ماڻهو آهن ۽ اتي صرف 10 سيڪڙو اصلوڪا رهواسي آهن، پر اتي هر شئي تي عربي تحرير ٿيل لازم هوندي، هن چيو تہ اسان شعوري يا لاشعوري طور سنڌي ٻوليءَ کان پري ٿيندا پيا وڃون، جنهن سان مستقبل ۾ اسان جي ٻوليءَ لاءِ تمام گهڻا خطرا ۽ چيلنج ايندا، ان لاءِ ضروري آهي تہ اسان جي گهرن جي درن تي لڳل تختين کان وٺي سمورو ڪاروهنوار سنڌيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي.

ناميارى دانشور **جامي چانڊيي** پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ 1972ع ۾ ٻوليءَ بابت بل پاس ڪيو ويو هو تہ سنڌ جي دفتري ٻولي سنڌي هوندي، پر اڄ ڏسون ٿا تہ ان تي ڪوبہ عمل ناهي ٿيو. حڪومت ان تي عمل ڪرائي ۽ جيڪڏهن اها چاهي تہ ڪهڙو ادارو آهي، جيڪو حڪومت کان وڌيڪ طاقتور ٿئي ۽ انڪار ڪري تہ اها سنڌي ٻولي ڪي واهپي ۾ نہ آڻي سگهي. اهو بہ جاڳرتا مهم جو حصو آهي تہ اسان پنهنجي حڪومت کي پابند ڪيون تہ اها پرائيويٽ سيڪٽر کي بي لغام نہ ڇڏي، اسان 21هين صديءَ ۾ آهيون، ايندڙ دور جي جاگرافي تبديل هوندو سڄي دنيا سائبر جاگرافي ۾ منتقل پئي ٿئي ۽ ظاهر آهي تہ نئين جاگرافي ۾ ٻولي پنهنجو وجود بچائيندي تہ بچي سگهندي. اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻولي يونيڪوڊ تي آئي آهي، مائيڪروسافٽ ۾ آئي آهي، ٽيڪنالاجي جي لحاظ سان سنڌي ٻولي اڳتي آهي، پر اڃا ڪيترا پاسا آهن، جن تي ڪم هلي پيو ۽ اڳتي بہ هلندو.

**رفيعہ ملاح** چيو تہ سنڌ ۾ 70% تعليم نجي اسڪولن جي وس آهي، اهي سنڌي پڙهائڻ لاءِ تيار ناهن. O ليول ۾ سنڌي شامل نہ آهي ڪيمرج وارا اسڪول چون ٿا تہ اهي سنڌي نہ پڙهائيندا، ڇوتہ انهن جي نصابي امتحان ۾ سنڌي شامل نہ آهي، تازوئي اسان تعليم کاتي پاران برٽش ڪائونسل ۽ O ليول جي سٽي ڪيمرج جي هيڊ کي بہ خط لکيا آهن تہ اهي سنڌيءَ کي نصاب ۾ شامل ڪن.

سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جي افتتاحي تقريب دوران **"سنڌي ٻولي جو سماجي واهپو مسئلا ۽ انهن جو حل"** عنوان سان هڪ مذاڪري جو اهتمام بہ ڪيو ويو. مهمانن ۾ نامور اديب **مدد علي سنڌيءَ** ڳالهائيندي چيو تہ هن قسم جا پروگرام سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ کي سدائين مسئلا درپيش رهيا آهن. سنڌ جي مٿان ڌارين جا حملا ٿيندا رهيا آهن، پر سنڌي ٻولي پنهنجي جاءِ تي موجود رهي آهي. انگريزن سنڌي ٻوليءَ لاءِ بنيادي ڪم ڪيو. انهن سنڌ ۾ مقرر پنهنجي سيني آفيسرن جي لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ، ڳالهائڻ ۽ لکڻ لازمي قرار ڏنو. هن چيو تہ جيستائين سرڪاري اسڪول هئا تہ سنڌي ٻولي پڙهائي ويندي هئي، پر خانگي تعليمي نظام ٻوليءَ کي نقصان پهچايو. سنڌي ٻولي واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي. ڪيترائي سنڌي ٽي وي چينل ۽ رسالا ۽ اخبارون آهن. وڏي انگ ۾ سنڌي ڪتاب پڻ ڇپجن ٿا.

**ڊاڪٽر تهمينہ مفتي** چيو تہ سنڌي ٻوليءَ کي سياسي ۽ سماجي محاذ تي مالڪيءَ جي ضرورت آهي. ڪمپنين کي پابند بڻايو وڃي تہ اهي

پنهنجين شين جا نالا سنڌيءَ ۾ لکن. دڪانن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکيا وڃن. هن چيو ته اسان پنهنجي ٻوليءَ کي پنهنجو وجود سمجهون ٿا. ان ڪري اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ هر هنڌ ڪم ڪرڻو پوندو.



نامياري صحافي ۽ ليکڪ نياز پنهور چيو ته مادري ٻوليءَ کي بچائڻ جي لاءِ هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن چيو ته ادارن جي مالڪي نٿي ٿئي. اخبار جي ٻوليءَ جي ڪنهن غلطيءَ تي رڳو سوشل ميڊيا ۾ ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون. هن ٻڌايو ته سنڌي اخبارن کي سٺي سنڌي لکندڙ ڪارڪن تمام گهٽ ٿا ملن. اڳ ۾ جيڪي نوجوان ايندا هئا, اهي پڙهيل ڳڙهيل هئا, پر هاڻ عام درسي ڪتابن جي ٻولي به نوجوانن کي ڪونه اچي ٿي. اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ به سٺي سنڌي لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ماڻهن جي تمام گهڻي کوٽ آهي.



تعليمدان ۽ ليکڪ ادريس جتوئيءَ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته تعليمي ادارن جي تدريس جي ٻوليءَ کي درست ڪرڻو پوندو ۽ بنيادي سطح کان اعليٰ تعليمي ادارن جي استادن جي تربيت ڪرائڻ گهرجي, ان سان گڏ جيڪي استادن جي تربيت جا ادارا آهن, اهي استادن کي سنڌي جي تربيت ڪرائين.





نامياري صحافي ناز سهتي چيو ته مختلف شعبن جي ٻوليءَ جي مينيوئل جيان صحافتي ٻوليءَ جو به مينيوئل تيار ٿيڻ کپي, جنهن ۾ مستند سنڌي لفظ شامل هجن, ان کان سواءِ مختلف ادارن جا نالا جيڪي انگريزي ۾ آهن, مثال طور پورٽ قاسم اٿارٽي وغيره انهن لاءِ سنڌي ۾ نالا تجويز ڪري اهي لاڳو ڪيا وڃن. هن چيو ته لغتن ۾ ڪئي ڪتي غلطيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون, جيڪي به درست ٿيڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو ته اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جي هر وقت چڪاس جي ضرورت آهي, جيئن ٻولي مان بگاڙ ختم ڪري سگهجي.







ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته اٿارٽيءَ جا ماهر پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي آفيس وڃي اُتي موجود ايڊيٽرن, پروف ريڊرن, خبرون پڙهندڙن کي ٻوليءَ جي درست استعمال جي تربيت ڏين.

ان موقعي تي اداري جي سنڌي انفرميٽڪس شعبي پاران نئين جڙيل ويب سائيٽ ۽ 16 ڊڪشنرين جي گڏيل سنڌي لغات ايپليڪيشن جي گوگل پلي ايپ جو مهتاب اڪبر راشدي کان افتتاح ڪرايو ويو. تقريب ۾ اديبن, شاعرن, دانشورن, عورتن ۽ مردن کان علاوه سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي شاگردن شرڪت ڪئي.

سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم

# قاسم آباد ۾ ريلي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 4 آڪٽوبر 2022ع تي ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سلسلي ۾ قاسم آباد (حيدرآباد) ۾ هڪ ڀرپور ريلي ڪڍي وئي. ’قاسم آباد بزنس فورم‘ جي سهڪار سان منعقد ٿيل هن ريليءَ ۾ اديبن، شاعرن، صحافين، دڪاندارن، مقامي واپارين ۽ سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي، جن ۾ جامي چانڊيو منصور قادر جوڻيجو علي آڪاش، شبنم گل، نصير مرزا، امر فياض ٻرڙو علي دوست عاجز عبيد ٿهيم ۽ منصور سيتائيءَ سميت قاسم آباد بزنس فورم جا اڳواڻ حاجي رحمت الله ساند، غلام قادر پرڳڙي، خرم ڪوڪر، عوامي جمهوري پارٽيءَ جي نذير قريشي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا ڪارڪن، صحافي ظفر هڪڙو رئوف چانڊيو سليم ملاح، سماجي اڳواڻ صبا عباسي، زينت چانڊيو مومل ڪوريجو ۽ قاسم آباد جا شهري شامل هئا. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل ريلي قاسم آباد بزنس فورم جي مرڪز کان شروع ٿي، ڀڪوڙا اسٽاپ ۽ مهراڻ سينٽر کان ٿيندي واپس قاسم آباد بزنس فورم جي دفتر تي ختم ٿي. ريليءَ دوران مهراڻ سينٽر جي تنظيم جي صدر ديوان نهال چند، ميڊيڪل اسٽور ائسوسيئيشن جي صدر شفيق رحمان ٿيٻي ۽ ٻين اڳواڻن، ڊاڪٽر اسحاق سميجي ۽ ريليءَ ۾ شامل وفد جي گذارش کي مان ڏيندي، سڄيءَ




قاسم آباد ۾ دڪانن ۽ واپاري مرڪزن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرائي، لڳائڻ جو واعدو ڪيو.

ريليءَ دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سلسلي ۾ ڪڍيل ريليءَ جو مقصد پنهنجن ماڻهن ۾ ٻوليءَ سان وابستگي، محبت ۽ اهميت جو احساس اجاگر ڪرڻ آهي. قاسم آباد جا شهري ۽ خاص طور تي واپاري پاڻ هن مهم جو حصو بڻجي، پنهنجن دڪانن ۽ واپاري مرڪزن تي لڳل بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرائن. هن چيو ته قاسم آباد جي آبادي سنڌي هوندي به دڪانن تي ٻين ٻولين ۾ لکيل بورڊ ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي. اٿارٽيءَ پاران ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ هڪ نئون احساس ۽ تحرڪ پيدا ڪيو آهي ۽ ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي مالڪي ڪرڻ لڳا آهن. اميد آهي ته جلد ئي تعليمي ادارن ۾ بنيادي تعليم سنڌيءَ ۾ نه ڏيڻ واري شڪايت به ختم ٿي ويندي. ريليءَ دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي نامور دانشور جامي چانڊيي چيو ته هن ريليءَ ۽ مهم جو سادو مقصد آهي ته پنهنجي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ کي استعمال ڪريون. سنڌي سموري دنيا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌ ان ٻوليءَ جو وطن آهي. هاڻ اها اسان ماڻهن جي ذميواري آهي ته پنهنجي ٻوليءَ جو واهپو ۽ بچاءُ ڪريون. نامور اديب نصير مرزا چيو ته هيءَ ٻولي هڪ وطن ۽ مٽيءَ جي ٻولي آهي، جنهن کي نئين نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ ۽ ان جي اهميت کي وڌائڻ جي بيحد ضرورت آهي. ٻوليءَ کان سواءِ ماڻهوءَ جو وجود نامڪمل آهي. ريليءَ دوران قاسم آباد بزنس فورم جي اڳواڻ حاجي رحمت الله ساند اعلان ڪيو ته اڄ کان قاسم آباد ۾ دڪانن اڳيان لڳل بورڊن کي سنڌيءَ ۾ لکڻ ۽ لڳرائڻ جي شروعات ڪئي ويندي. قاسم آباد جا واپاري، دڪاندار ۽ سماجي اڳواڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هن مهم جو حصو آهن.

# ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سلسلي ۾ علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج ڪوٽڙيءَ ۾ پروگرام




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هلندڙ **’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘** جي سلسلي ۾ 15 ڊسمبر 2022ع تي ’علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج‘ ڪوٽڙيءَ ۾ پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام کي خطاب ڪندي ناماياري ليکڪ **جامي چانڊيي** چيو تہ ٻولي رڳو ابلاغ جو ذريعو نہ آهي، پر سموري انساني وجود جي اظهار جو ذريعو ٻولي ئي آهي، جنهن ۾ تصور ڪجي ٿو خواب ڏسجن ٿا، تخليقي اظهار ڪجي ٿو. دنيا جي سمورين ٻولين جو چاٽو بہ خواب رڳو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏسندو آهي، ان ڪري پنهنجي ٻوليءَ سان محبت فطري عمل آهي. هن چيو تہ ٻولي اسان جي وجودي تڪميل ڪري ٿي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي وجود ڏانهن لاپرواهي ڪري ۽ ڪنهن احساس ڪمتريءَ جي ڪري ان کي ڏڪي ڇڏي تہ پوءِ باقي ڇا بچيو. هن چيو تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جو پڙهيو لکيو مڊل ڪلاس هتان هليو ويو. وڏي وقت کان پوءِ هاڻ سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ جو وچولو طبقو ٺهي بيٺو آهي، پر ان جو سنڌي ٻوليءَ ڏانهن رويو بهتر نہ آهي، جيڪا بدقسمتي ڇئبي. هن چيو تہ پنهنجي ٻوليءَ جي عام واهپي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جيڪا جاڳرتا مهم شروع ڪئي آهي، ان جا ڏور رس اثر پوندا. تعليمي ادارن ۾ هن قسم جا پروگرام نوجوان نسل وٽ ٻوليءَ جي اهميت محسوس ڪرائيندا ۽ اميد آهي تہ هي نسل جديد دور جي تقاضائن موجب پنهنجي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت کي سمجهي، ان کي ترقي ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.





سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر **اسحاق سميجي** چيو تہ هن وقت سنڌي ٻوليءَ کي سڀ کان وڏيڪ خطرو اندروني آهي ۽ اهو





خطرو اسان جي روين جو آهي. هن چيو ته اسان جي لاتعلقي اسان جي ماءُ ٻوليءَ جي لتاڙ جو سبب بڻجي رهي آهي. گهر، بازار ۽ اسڪول اندر ٻولي وڏي ۽ ٻچي سگهي ٿي، پر ٿنهي هنڌن تي صورتحال مايوسي وڌائي رهي آهي. هن چيو ته اسان جي ٻوليءَ کي مرڻ جو خطرو نه آهي، پر سرڪاري پاليسين ۽ شخصي لاپرواهي ۽ غير سنجيدگي گهرن، شهرن ۽ خانگي تعليمي ادارن اندر ٻوليءَ کي سوڙهي گهٽيءَ ۾ آڻي بيهاريو آهي. هن چيو ته خانگي اسڪولن جي عالمي نيٽ ورڪ دنيا ۾ انگريزيءَ جي تشهير ڪري، مقامي ٻولين لاءِ خطرا پيدا ڪيا آهن. خانگي اسڪولن جو تعليمي معيار نمائشي وڌيڪ آهي، اڄ به مقابلي جي امتحانن ۾ اڪثريت سرڪاري اسڪولن مان نڪتل ٻارن جي پاس ٿئي ٿي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته مادري ٻولي پڙهندڙ ٻار ئي ذهين ۽ وڌيڪ سمجهه وارا ٿين ٿا. هن چيو ته اسان کي پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪرڻو پوندو ته گهر، بازار ۽ ڪچهرين ۾ سنڌي ڳالهائينداسين. ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه سنڌين سان سنڌي ڳالهائڻ ته ايمان جو حصو بڻائڻ کپي.

سپلا اڳواڻ انور منصور مگريي چيو ته 'قومن کي زنده رکڻ ۽ سڃاڻپ لاءِ ٻولين کي بچائڻ ضروري آهي. اسان کي به پنهنجي قومي سڃاڻپ بچائڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي ترجيح ڏيڻي پوندي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ٻوليءَ بچائڻ ۽ ان جي واڌ ويجهه لاءِ جيڪا تحريڪ شروع ڪئي آهي، 'سپلا' پاران ان کي ڀليڪار ڪريون ٿا. هن چيو ته استاد جيئن ته ٻوليءَ جا محافظ ٿيندا آهن، تنهن ڪري سموري سنڌ جي استادن کي هن جاڳرتا مهم جو حصو ٿيڻ گهرجي.

علي بابا ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر فضل ڪريم صديقيءَ چيو ته 'اسان جي قومي وجود جي بقا ٻوليءَ ۾ آهي، مونکي سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل



روشن ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڇو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اها ڪشادگي آهي، جيڪا دنيا جي ڪنهن به ترقي يافته ٻوليءَ ۾ ٿيندي آهي. هن چيو ته سنڌي شاهه لطيف جي ٻولي آهي، تنهن ڪري اها هميشه قائم رهڻي آهي.

ان موقعي تي ڪاليج جي استاد پروفيسر مخدوم محمود احمد چيو ته اسان کي فخر آهي ته سنڌي ٻوليءَ دنيا جي قديم ٻولين ۾ شمار ٿئي ٿي، ان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

پروفيسر فضل چانڊيي تقرير ۾ چيو ته اسان خوشنصيب آهيون، جو اسان جي مادري زبان سنڌي آهي. دنيا ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو پڻ سنڌيءَ ۾ ٿيو. سنڌي اسان جي قومي سڃاڻپ آهي، ان کي بچائڻ اسان جو قومي فرض هجڻ گهرجي. هن جاڳرتا پروگرام ۾ سيد جڙيل شاهه، خليل ميمڻ، ڊاڪٽر ثناءَ الله رستماڻي، شاگردن سمير احمد ۽ عمير ٻاريچي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت بابت ويچار ونڊيا.

## مباحثن جو سلسلو

# سنڌي ٻولي: خطرا، موقعا ۽ تجويزون




### سنڌي ٻولي ۽ سماجي رويا، مباحثو -1

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان شروع ڪيل **"سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم"** جي سلسلي ۾ **"سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا ۽ تجويزون"** جي عنوان هيٺ اداري جي 'محمد ابراهيم جويو سائونڊ اسٽوڊيو' مان مختلف موضوعن تي آن لائين مباحثن جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، ته جيئن دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ مختلف موضوعن تي ماهرن جي راين مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

ان سلسلي جو پهريون مباحثو 17 آگسٽ 2022ع تي ٿي گذريو جنهن جو موضوع 'هڪ قوم طور اسان جو سنڌي ٻوليءَ ڏانهن رويو' هو. مباحثي ۾ ڳالهائيندي نامور ليکڪ ۽ دانشور **جامي چانڊيي** چيو ته "هن ڊائلاگ جي نتيجي ۾ قوم ۾ پنهنجي ٻوليءَ بابت حساسيت وڌندي. قوم جو ٻوليءَ ڏانهن رويو قوم جي بنيادي ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ ٻوليءَ ڏانهن اسان جي روش هڪ گهڻ طرفو سوال آهي. عام تصور اهو آهي ته ٻولي صرف ظاهري رابطي جو ذريعو آهي، جنهن سان هڪ ماڻهو ٻين ماڻهن سان رابطي ۾ رهي ٿو يا ڳالهائي ٿو پر ٻولي دراصل انسان جي انفرادي وجود جو اظهار آهي. قوم سازيءَ جا جيڪي بنيادي عنصر آهن، انهن ۾ ٻولي اهم ترين عنصر آهي. ٻوليءَ کي فرد، سماج، رياست، معيشت، ٽيڪنالاجي ۽ تعليم کان ڌار ڪري ڏسڻ ۽ سمجهڻ ممڪن نه آهي، ڇاڪاڻ ته ٻولي سيني شعبن جو اهم جز آهي. هن چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي، جتي آئين ۽ قانون موجب سنڌي دفتري ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي، پر عملي طور يا سرڪاري طور اختيار نه پئي ڪئي وڃي ۽ نه ئي اڃا تائين هن کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو پيو وڃي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ نامور ڪالم نگار **امر سنڌوءَ** چيو ته دفتري ڪاروهنوار هلائيندڙ ٻولي ئي ترقي ڪندي آهي ۽ ان جي مالڪي رياست ڪندي آهي. ان لاءِ مارڪيٽ کان وٺندي تدريسي ميدان تائين سرڪاري سرپرستي ۽ مثبت رويو ضروري آهي. هن چيو ته سنڌي سماج ۾ ٻوليءَ ڏانهن جذباتي رويو ته ڪافي بهتر آهي، پر عقلي طور ٻوليءَ جي مستقبل طرف رويو غير سنجيده آهي. اسان کي اهو سمجهڻو پوندو ته ٻوليءَ کان سواءِ انسان پنهنجي سڃاڻپ نٿو ڪرائي سگهي، ان لاءِ خوشفهمين مان نڪري سنجيدگيءَ سان عملي طور ڪجهه ڪرڻو پوندو. نامياري شاعر **علي آڪاش** چيو ته عالمي قانون ۽ ماهرن جي راءِ موجب ٻار کي بنيادي پرائمري تعليم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏيڻ کپي، ان جي باوجود سنڌ اندر سرڪاري اسڪولن کان سواءِ سنڌي نٿي پڙهائي وڃي، شهرن ۾ نجي ۽ غير سرڪاري تعليمي ادارا سنڌي پڙهائڻ لاءِ تيار ئي نه آهن. والدين جي اها سوچ آهي ته اسان جو ٻار اڳتي نڪري ۽ ان لاءِ انگريزي تعليم جي لالچ ۾ ٻارن کي خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن. آن لائين مباحثي جو ميزبان نامور اديب ۽ ٻوليءَ جو ڄاڻو پروفيسر ادريس جتوئي هو.




### ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي: مباحثو-2

'سنڌي ٻولي: خطرا، موقعا ۽ تجويزون' سلسلي جو ٻيو مباحثو 2 سيپٽمبر 2022ع تي **'ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي'** جي سري هيٺ ٿي گذريو. آن لائين مباحثي ۾ ڳالهائيندي نامياري ڪالم نگار ۽ نامياري صحافي **منظور ميراڻيءَ** چيو ته: ميڊيا ۾ ٻوليءَ جي درست استعمال تي گهربل ڌيان نٿو ڏنو

وجي. ايڊيٽوريل ۽ مضمونن واري پاڱي ۾ ٻوليءَ جو خيال رکڻ، ڪالم لکندڙ ۽ ايڊيٽر جو ڪم هوندو آهي. ناميارن ليکڪن جا ڪالم پڙهي يا ايڊيٽنگ ۾ درست ٿيل ٻوليءَ کي ڏسي نوان لکندڙ به ٻولي سکندا آهن. هن چيو ته سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ ڪاٻيءَ ڌر سان لاڳاپيل جيڪو نسل اخباري دنيا ۾ آيو ان وٽ سياسي سوچ، سماجي قدرن جي آگاهيءَ سان گڏ بهتر ٻولي پڻ هئي. موجوده وقت ۾ اخباري ڪارڪنن جي اڪثريت يونيورسٽين جي شاگردن تي مشتمل آهي، جيڪي پڙهائيءَ جي خرچ لاءِ گهٽ معاوضي تي ملي وڃن ٿا. ان کان سواءِ اهي شاگرد مختلف شعبن سان وابسته هوندا آهن، جن مان اڪثريت جي ٻوليءَ سان دلچسپي گهٽ هوندي آهي. ناميياري صحافي رئوف چانڊيي چيو ته "ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ميڊيا جي ادارن ۾ ٻوليءَ جو بگاڙ ٿئي ٿو ان جا ڪيترائي ڪارڻ به آهن. هڪ ته اڳي سنڌ جي بنيادي تعليم بهتر هئي، جڏهن ته هاڻ اها ابتريءَ جو شڪار آهي. ٻئي پاسي ميڊيا جي ادارن ۾ صورتحال اها آهي ته جن نوجوانن کي ڪا نوڪري نٿي ملي، اهي صحافت جي شعبي ۾ اچي وڃن ٿا. هن چيو ته پهرين سٺا پروف ريڊر ۽ سب ايڊيٽر هوندا هئا، ادارا انهن جي تربيت ڪرائيندا هئا، انهن کي ڪم دوران سکيا ملندي هئي، جڏهن ته هاڻ اها سکيا بند ٿي وئي آهي. ساڳيءَ ريت 'پارٽ ٽائيم' نوڪري ڪرڻ لاءِ ايندڙ صحافي وٽ سکڻ لاءِ وقت به نه آهي. اڪثر ماڻهو سمجهندا آهن ته ٻولي ۽ گرامر بهتر هجڻ کان سواءِ ئي ماڻهو صحافي ٿي سگهي ٿو ته پوءِ ٻولي ڇو سکجي.

نوجوان شاعر علي زاهد چيو ته اخبار جو ايڊيٽوريل وارو صفحو اهم هوندو آهي، جنتي ٻوليءَ کي درست ڪرڻ جو وقت ملي ٿو پر ايڊيٽر ٻوليءَ ۽ گرامر کي سمجهندڙ هجي ۽ درستگيءَ جي معيارن کان واقف هجڻ کپي. ماضيءَ ۾ ايڊيٽر ٻوليءَ کي سمجهندڙ هوندا هئا، پر هاڻ اڪثر مالڪ ئي ايڊيٽر آهن، نتيجي ۾ ٻولي انهن لاءِ گهٽ اهميت رکي ٿي. پروف ريڊر انتهائي اهم هوندو آهي، پر هن کي ايترو معاوضو ئي نٿو ملي، انهن جي ڪا تربيت نه آهي، اهي پروف ڪرڻ اخباري ادارن ۾ پاڻ ئي سکندا آهن.

## شاهه لطيف جي ٻولي: مباحثو-3

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران **'شاهه لطيف جي ٻولي'** جي عنوان هيٺ 12 سيپٽمبر 2022ع تي آن لائن مباحثو ٿي گذريو. مباحثي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي نامور اديب ۽ محقق **مدد علي سنڌيءَ** چيو ته لطيف هر طبقي جي ٻوليءَ جو شاعر آهي، خاص طور پورهيت ۽ پيڙيل طبقن جي ٻوليءَ کي محفوظ ڪيو اٿس. گڏوگڏ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سياسي شعور جي انتها ڪري ڇڏي آهي. ان وقت فارسيءَ کي عزت ۽ وقار جو ذريعو سمجهيو ويندو هو ان هوندي به لطيف نج سنڌي ٻوليءَ کي شاعريءَ لاءِ چونڊيو ۽ پورهيتن جي لهجي ۾ ئي شاعري ڪيائين. هن چيو ته مُهين جو دڙو ۽ شاهه لطيف نه هجن ها ته سنڌ نامڪمل هجي ها.




نامور اديب **تاج جويي** چيو ته: ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ کي عالمي سطح جي ٻولي بڻائي ڇڏيو. هن نئون لهجو تخليق ڪيو. نوان محاورا تخليق ڪيا ۽ انهن کي نيون معنائون ڏنيون. هن چيو ته شاهه لطيف ڪيفيتن کي لفظ ڏنا ۽ انهن لفظن ۾ ڪمال جي تخليق ڪئي، هو ڪرشماتي ۽ معجزاتي شخصيت هو جنهن پنهنجي ٻوليءَ ۽ تخليق کي دوام بخشيو آهي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جي استاد ۽ لطيف شناس **ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ** چيو ته "شاهه لطيف پاران امانت ۾ مليل ٻوليءَ کي وڏيڪ خوبصورت ڪري، اسان تائين پهچايو. هن چيو ته لطيف ٻوليءَ جو جراح هو سندس تجنيس واري خوبي ۽ فڪر حسين آهي، جنهن جو مثال ننڍي کنڊ ۾ نٿو ملي. لطيف گهڻ پڙهيو نظرياتي ۽ فڪري راهه ڏيندڙ هڪ مفڪر شاعر هو.

لطيف شناس ۽ محقق **ڊاڪٽر احسان دانش** چيو ته "سنڌ طبعي لحاظ کان پنجن وڏن حصن ۾ پکڙيل آهي ۽ هر حصي جي ٻوليءَ جو الڳ لهجو آهي. لطيف نه فقط انهن پنجن لهجن ۾ شاعري ڪئي، پر انهن علائقن جي ننڍن ننڍن لهجن کي به ان ۾ سمايو آهي. هن چيو ته شاهه جي شاعريءَ کي مرتب ڪندڙ وچولي ۽ لاڙ جا هئا، انهن زيرن زبرن ذريعي به لهجن ۾ تبديلي ڪئي، پر بنيادي طور لطيف جو لهجو لاڙي آهي. آن لائين مباحثي جو ميزبان سنڌ يونيورسٽيءَ جو استاد ۽ ڊاڪٽر اين اي بلوچ چيئر جو ڊائريڪٽر **ڊاڪٽر فياض لطيف** هو.

# سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ لاءِ چيئرمئن جون مختلف ادارن جي سربراهن سان گڏجاڻيون

## لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سان گڏجاڻي

سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ائڪٽ ۽ سنڌ سرڪار جي پاليسين مطابق، سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال ۽ ٻوليءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي پاران مختلف ادارن ۽ کاتن جي سربراهن ۽ اختيارين سان گڏجاڻين جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ 15 آگسٽ 2022ع تي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ سان ملاقات ڪري، يونيورسٽي ڪئمپس، هاسٽلن ۽ يونيورسٽيءَ جي حدن ۾ ايندڙ روڊن رستن تي انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ بورڊ لڳائڻ ۽ روزاني دفتري لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ بابت ويچار ونڊيا. وائيس چانسلر طرفان اهڙي تجويز تي عمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي. ان موقعي تي| ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته سنڌي ٻولي نه فقط ماءُ ٻولي آهي، پر سنڌ پرڳڻي جي سرڪاري ٻولي طور رائج ٿيل آهي، ان ڪري سنڌ جي سمورن نجي توڙي سرڪاري ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال قانوني حيثيت رکي ٿو.

## سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي وائيس چانسلر سان گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مريءَ سان 22 آگسٽ 2022ع تي ملاقات ڪري، يونيورسٽيءَ اندر



مختلف شعبن، فئڪلٽين جي نالن، سائن بورڊن، نالي وارين تختين ۽ سرڪاري هدايتن کي سنڌيءَ ۾ لکرائڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ ۽ واهپي جي حوالي سان موجود سنڌ سرڪار جي پاليسين بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني ۽ چيو ته سنڌي، سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي آهي، جنهن کي ٻين ٻولين سان گڏ لازمي طور لکڻ گهرجي. ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ لکڻ سان پنهنجي ٻوليءَ جي وارثي ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اڳيرائي ٿيندي. ان موقعي تي زرعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مريءَ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي هلندڙ **'سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم'** کي ساراهيو ۽ چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي مک دروازي تي سنڌيءَ ۾ نالو لکڻ سميت يونيورسٽيءَ جي حدن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي يقيني بڻايو ويندو.



## شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽس اينڊ هيريٽيج جي وائيس چانسلر سان ملاقات

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي 29 آگسٽ 2022ع تي شهيد الهہ بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽ، ڊزائين اينڊ هيريٽيج جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ٻائي خان شر سان ملاقات ڪري، يونيورسٽيءَ اندر سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي وڌائڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. خاص طور يونيورسٽيءَ اندر مختلف شعبن، فئڪلٽين جي نالن، بورڊن، تختين ۽ سرڪاري هدايتن کي سنڌيءَ ۾ لکڻ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڊاڪٽر ٻائي خان شر سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي هلندڙ 'جاڳرتا مهم' سان مڪمل اتفاق ڪيو ته انگريزي توڙي ٻي ڪنهن به ٻوليءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو اسان تي فرض آهي. هن يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن توڙي هنڌن تي سنڌيءَ کي لازمي شامل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي.

گڏجاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختياراداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر **اسحاق سميجي** ڳالهائيندي چيو تہ اڄوڪي گڏجاڻيءَ جو مقصد پنهنجي ماءُ ٻوليءَ جي بچاءَ جي ڳڻتي ۽ بنيادي انساني حقن جو تحفظ آهي، ڇوتہ ٻولي بنيادي انساني حق آهي. هن چيو تہ هن وقت دنيا ۾ لڳ ڀڳ 7 هزار ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جڏهن تہ يونيسڪو موجب ايندڙ ڪجھ سالن ۾ ٽي هزار ٻوليون دنيا مان ختم ٿي وينديون. تحقيق موجب هر سال 25 ٻوليون مري رهيون آهن، جنهن جو وڏو سبب پنهنجين ٻولين ڏانهن ڳالهائيندڙن جو لاتعلقيءَ وارو رويو ۽ استعمال تان هٿ ڪڍڻ آهي. هن ٻڌايو تہ هن وقت پاڪستان ۾ 74 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون،جن مان بديشي، دائودي، ڪٽلاشي وغيره سخت خطري هيٺ آهن. هن چيو تہ 1972 ۾ سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ استعمال جو بل پاس ڪيو هو جنهن مطابق سنڌي اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي آهي، سنڌيءَ ۾ هر قسم جي سرڪاري لکپڙهہ جائز ۽ قبوليل آهي. افسوس تہ اسان آفيسن ۾ لکپڙهہ جو مواد، فائيل، نالن جون تختيون بہ انگريزيءَ ۾ ٿا لکرايون، جنهن سان اسان جي ٻولين جو حق مري رهيو آهي. سمورن سرڪاري توڙي خانگي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ۽ سماج ۾ ٻوليءَ جي واهپي وڌڻ سان ئي ٻولي بچي سگهي ٿي، جيڪا ڳالهہ اسان ڪي هڪ مقصد طور اپنائڻ پوندي هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ان سان محبت جو مقصد ٻين ٻولين سان نفرت ناهي، بلڪ اسان اردو سميت پاڪستان جي سمورين اصلوڪين ٻولين کي بچائڻ، محفوظ ڪرڻ ۽ ترقي ڏيارڻ چاهيون ٿا.

گڏجاڻيءَ ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد، فواد غفار سومري چيو تہ اسان هن جاڳرتا مهم کي ڀليڪار ڪريون ٿا ۽ ڪمشنر صاحب جي هدايتن موجب حيدرآباد ضلعي ۾ سمورن روڊن، رستن، پاڙن ۽ سرڪاري ڪاتن توڙي تعليمي ادارن جا نالا سنڌي ۽ اردو ۾ پڻ لکرايا ويندا.

***





## ڪمشنر حيدرآباد پاران ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘ جي سلسلي ۾ ڪوٺايل اجلاس

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن طرفان لکيل خط جي موٽ ۾ 2 ڊسمبر 2022ع تي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن محترم **نديم الرحمان ميمڻ** پاران دربار هال حيدرآباد ۾ **’سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم‘** جي سلسلي ۾ لاڳاپيل عملدارن سان شهباز هال حيدرآباد ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، هن گڏجاڻيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد **فواد غفار سومري**، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن **ڊاڪٽر اسحاق سميجي**، ايوان صنعت ۽ تجارت جي نمائندن کان علاوه قاسم آباد بزنس فورم جي اڳواڻن، بلڊرن، واپارين ۽ سرڪاري کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد چيو تہ انگريزيءَ جي اثر سبب اسان جي ٻوليءَ کي نقصان پهچي رهيو آهي، جنهن کي بچائڻ جي سخت ضرورت آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي واهپي کي وڌائڻ ۽ ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جذبي کي اڀارڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي **’جاڳرتا مهم‘** جو حصو بڻجون. ان جي شروعات اسان ڪمشنر آفيس کان ڪنداسين ۽ ٻين ٻولين سان گڏ نالن جون تختيون ۽ هدايت نامہ لکپڙهہ جو مواد ۽ فائيل توڙي لفافا وغيره سنڌيءَ ۾ پڻ ڇپايا ويندا. ڪمشنر وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن ڪنهن اداري يا کاتي جو نالو اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل آهي تہ اهو سنڌيءَ ۾ پڻ لازمي لکيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن اداري جو نالو فقط انگريزيءَ ۾ لکيل آهي تہ اهو سنڌي ۽ اردو ۾ بہ هجڻ کپن.



# سنڌي ٻوليءَ تي معياري تحقيق تي انعام جي رقم ۾ واڌ جو اعلان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ ۾ چيچندڙ تحقيقي ڪتابن لاءِ ايوارڊ جي رقم 60 هزار مان وڌائي هڪ لک ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. اهڙو روڪ انعام سنڌي ٻولي، لسانيات، گرامر، صوتيات، لغت نويسيءَ جهڙن موضوعن تي ٿيندڙ معياري تحقيق تي ڏنو ويندو جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ ڪم کان سواءِ اردو انگريزي، پنجابي، سرائڪي، عربي، فارسيءَ سميت ٻين ٻولين ۾، سنڌي ٻولي ۽ ان جي مختلف لساني پهلوئن تي ٿيندڙ تحقيق تي پڻ ايوارڊ ڏنو ويندو.

ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ايوارڊ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي 21 آڪٽوبر 2022ع تي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ عنايت بلوچ، نصير مرزا، ادريس جتوئي ۽ اداري جي سيڪريٽري شبنم گل شرڪت ڪئي. اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ميمبرن کي اداري جي ٺهيل نون ضابطن ۽ اصولن (Rules of Business) کان تفصيلي آگاهي ڏني. تفصيلي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ فيصلو ڪيو ويو ته 2020ع ۽ 2021ع جي ڪتابن تي منظور ٿيل نون ضابطن جي روشنيءَ ۾ اداري پاران فقط سنڌي ٻوليءَ بابت ڇپيل تحقيقي ڪتابن کي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويندو. انهن ۾ هڪ ايوارڊ سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات، لغت سازي، گرامر، صوتيات، لهجن ۽ سنڌو لکت وغيره تي لکيل ڪتابن تي ايوارڊ ڏنو ويندو جڏهن ته ٻيو ايوارڊ سنڌي ٻوليءَ بابت ٻين ٻولين ۾ ڇپيل ڪتابن تي پڻ ڏنو ويندو. ايوارڊ لاءِ ٻه نيون ڪئٽيگريون پڻ شامل ڪيون ويون آهن، جن ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي منظور ٿيل تحقيقي جرنلن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن نئين موضوع/ پهلوءَ تي شايع ٿيل معياري مقالي تي پڻ 30 هزار روپيا ڏنا ويندا. جڏهن ته چوٿون ايوارڊ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪمپيوٽنگ سان لاڳاپيل ماهرن لاءِ رکيو ويو آهي، جيڪڏهن ڪو ماهر سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽائيزيشن جي حوالي سان ڪو نئون ۽ معياري ڪم سرانجام ڏيندو ته ان کي پڻ ايوارڊ سان نوازيو ويندو.





# بورڊ آف گورنرس جو چاليهون اجلاس ٿي گذريو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چاليهون اجلاس 14 نومبر 2022ع تي، چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي سربراهيءَ ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ بورڊ آف گورنرس جي اُٺيتاليهين گڏجاڻي، سليڪشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي، پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي، مالي ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ايڊيٽوريل بورڊ جي گڏجاڻي، سنڌي رسم الخط صورتخطي ۽ ويا ڪرڻ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ۽ ايوارڊ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين جي منظوري/توثيق ڪئي ويئي. ان کان علاوه اداري جي مختلف ڪمن ۽ سرگرمين بابت ميمبرن کي ڄاڻ ڏني ويئي. هن اجلاس ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجي پاران اڳ ۾ ٿيل ڪم جي آگاهيءَ سان گڏ ڪجهه نيون رٿائون به متعارف ڪرايون، هن چيو ته جيئن ته ماضيءَ ۾ اداري پاران ڪن رٿائن تي ڪم شروع ٿيو هو پر ڪن سببن جي ڪري، اهي رٿائون مڪمل نه ٿي سگهيون، انهن کي مڪمل ڪرڻ سان گڏ اسان ڪجهه نين رٿائن تي به ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا، جن جو وچور هن ريت آهي:

**مختلف شهرن ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جا مرڪز' Sindhi Language (centers) جو قيام:**

ڊاڪٽر اسحاق سميجي موجب هِن رٿا تحت تعليم کاتي سان گڏجي پهرئين مرحلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ مرڪز قائم ڪيا ويندا، ان بعد سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ اهڙا مرڪز قائم ٿيندا.

**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نئين سِر شرح لکرائڻ جي رٿا:**

جيئن ته شاهه لطيف جي هر پهلوءَ تي تحقيقي ڪم ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن/ڳوٺن/علائقن ۾





جيڪي بہ پنهنجي پاڙيءَ جا پارکو حيات آهن، انهن کان ان ڏس ۾ مدد وٺي، شاهہ جي ڪلام جي نئين سر تشريح لکرائڻ جو ڪم ڪيو ويندو.

**چونڊ سرڪاري اسڪولن جا نالا سنڌ جي مشهور استادن/عالمن جي نالن سان منسوب ڪرائڻ:**

سنڌ جون مشهور شخصيتون(عالم، اديب ۽ تعليمدان) جيڪي جنهن بہ اسڪول ۾ پڙهيا يا وري انهن جن اسڪولن ۾ پڙهايو اهي اسڪول انهن جي نالن سان منسوب ڪرائي ڪين پيتا ڏني ويندي

**سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم سلسلي ڪي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن تائين وڌائڻ**

جيئن تہ سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جو سلسلو حيدرآباد کان شروع ڪيو ويو



آهي، ان ڏس ۾ حيدرآباد ۾ بہ ڪامياب ڪانفرنسون بہ ڪرايون ويون آهي، هن سلسلي ڪي سنڌ جي سيني ضلعي هيڊ ڪوارٽر تائين پهچايو ويندو.

**ساليانی عالمي سنڌي ڪانفرنس جي تياري:**

جيئن تہ گڏيل قومن 2022ع کان 2023ع واري ڏهاڪي کي 'اصلوڪين ٻولين جو بين الاقوامي ڏهاڪو' قرار ڏنو آهي، ان سلسلي ۾ اداري پاران هن سال 'عالمي سنڌي ڪانفرنس' ڪوٺائي ويندي، جنهن ۾ ٻولي/لسانيات جي ماهرن کان مقالا پڙهايا ويندا، ان سان گڏ فلم ۽ ڊرامي ۾ ٿيندڙ ڪوشش ۽ سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جي ترقيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪردار کي واضح ڪرڻ لاءِ پڻ مقالا پڙهيا ويندا.

**سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ اصلوڪين ٻولين تي دستاويزي فلمون ٺاهڻ**

سنڌي ٻوليءَ جي لاسي، لاڙي، ڪوهستاني، ٿري، اترادي ۽ وچولي جي لهجن ۽ اصلوڪين ٻولين تي دستاويزي فلمون/ ڊاڪيومينٽريز تيار ڪيون وينديون.

**نون ۽ رهيل موضوعن تي لغتن جي رٿا:**

مترادف لفظن جي لغت، ضدن ۽ هم معنيٰ لفظن جي لغت، علمي، فني ۽ سائنسي لغتون، اُچارن جي لغت، پيشيوَر ماڻهن جون لغتون: جهڙوڪ لوهارن، ڪنڀارن، مهاڻن، سونارن، واڍن، هارين وغيره جون لغتون تيار ڪرايون وينديون.

**اداري پاران اڳ کان هلندڙ ساليانی ايوارڊ پاليسيءَ ۾ ترميم:**

ان حوالي سان ڪاميٽيءَ جي گڏيل فيصلن تحت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران چار(4) ايوارڊ مخصوص ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل ڪم جي حوالي سان ڏنا ويندا، جن ۾ ٻوليءَ بابت ڇپيل ڪتابن، ٻوليءَ بابت ڇپيل تحقيقي مقالي، سنڌي ٻوليءَ ۾ موبائل يا ڪمپيوٽر سان لاڳاپيل معياري ايپليڪيشن ۽ سافٽويئر تي ڏنو ويندو.

**سنڌي ٻوليءَ بابت ڊجيٽل لٽنگئيج لائبريري يا آن لائن ريسورس سينٽر جو قيام:**

هن سهولت ذريعي دنيا جي ڪنهن بہ حصي مان محقق سنڌي ٻوليءَ بابت مددي مواد حاصل ڪري/ پڙهي سگهندا. چيئرمئن پاران پيش ڪيل انهن رٿائن کي محترم جامي چانڊيي اهم قرار ڏنو ۽ چيو تہ انهن تي عمل ٿيڻ گهرجي. محترم مدد علي سنڌيءَ چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ اهڙا پراجيڪٽ اهم آهن.

**اداري جي بلاڪ Dواري چبر ۾ اوپن ايئر ٿئيٽر/اسٽيج ٺاهڻ جي خاڪي/نقشي جي منظوري:**

جيئن تہ هن جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ ماڻهو اسڪرين کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا، جنهن ڪري کليل فضا ۾ اهڙو انتظام ڪري سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ جاڳرتا جا پروگرام، اسٽيج ڊراما وغيره ڪيا ويندا.

سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جون موضوعوار /صنف وار ڏسٽيون/ببليوگرافي تيار ڪرڻ جي رٿا هن وقت تائين ڇپيل سنڌي ڪتابن بابت ڪي مستند انگ اکر موجود نہ آهن، تحقيق ۾ انگن اکرن / ڊيٽا جي تمام گهڻي اهميت آهي. ابتدا کان وٺي هن مهل تائين ڇپيل سيني موضوعن جي ڪتابن جي ببليوگرافي جوڙي ويندي

اجلاس جي پڇاڙيءَ تي سيني ميمبرن اداري جي ڪارڪردگيءَ تي اطمنان جو اظهار ڪيو ۽ چيئرمئن طرفان ڪنيل قدمن ۽ نين رٿائن جي ساراهہ ڪئي وئي.

***

سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم

سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم

# مختصر فلم (SHORT FILM)

## لاءِ ڪهاڻي/ ون لائين موڪلڻ جي دعوت

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ان جي عام ڪرڻ ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان محبت جي جذبي کي اُڀارڻ لاءِ، هڪ جاڳرتا مهم جي ابتدا ڪئي پئي وڃي، جنهن جي حصي طور سنڌي ٻوليءَ طرف انفرادي ۽ اجتماعي روين کي موضوع بڻائي، مختصر احساساتي فلمون ٺاهيون وينديون. هنن فلمن وسيلي پنهنجي ٻوليءَ طرف اختيار ڪيل لاتعلقيءَ، سماج، والدين، استادن پاران مادري ٻوليءَ جي استعمال کي اهميت نه ڏيڻ، اسڪول، بازار، ڪچهرين ۾ پنهنجي ٻوليءَ بجاءِ ڌارين ٻولين جي وڌندڙ استعمال ۽ تشهيري مهمن ۾ صوبي جي اڪثريتي ۽ سرڪاري ٻوليءَ کي نظر انداز ڪرڻ وارن روين سبب، سنڌيءَ کي پهچندڙ نقصانن جي نشاندهي ڪرڻ آهي.

ٽن کان پنجن منٽن جي مختصر وقت وارين ٺهندڙ فلمن (Short Films) لاءِ موڪليل ون لائين/ڪهاڻي لاڳاپيل شعبي جي ماهرن تي مشتمل بورڊ آڏو پيش ڪيون وينديون. چونڊيل ون لائين/ڪهاڻي تي ليکڪ کان اسڪرپٽ لکرائي، ماهر ۽ تخليقي ڊائريڪٽرن وسيلي فلم بندي ڪرائي، اُن کي جاڳرتا مهم جو حصو بڻايو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو افسانه نگارن خاص طور تي، ڊراما ۽ اسڪرين پلي لکندڙن کي لاڳاپيل موضوعن تي پنهنجي مختصر ڪهاڻي/ ون لائين موڪلڻ جي دعوت ڏئي ٿو.

**اداري پاران مختصر فلم لاءِ چونڊيل ڪهاڻي / اسڪرپٽ تي مناسب معاوضو پڻ ڏنو ويندو.**

ڏس پتو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد
اي- ميل: contact@sindhila.edu.pk

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

# ”سنڌي ٻولي“ تحقيقي جرنل جو تازو شمارو نئين رنگ ڍنگ سان پڌرو




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڇهه ماهي بنياد تي نڪرندڙ تحقيقي جرنل ”سنڌي ٻولي“ هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران واءِ (Y) درجي بنديءَ ۾ ٻيهر قبوليت حاصل ڪئي آهي. جون 2022ع وارو شمارو نئين رنگ ڍنگ سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ان جي ادارتي پاليسيءَ ۽ ايڊيٽوريل بورڊ ۾ پڻ تبديلي ڪئي وئي آهي.

تازي شماري ۾ 13 مقالا منظوريءَ بعد شايع ڪيا ويا آهن، جن ۾: ’سنڌي ۽ سِرائڪي: لساني رابطو گڏيل اثر ۽ هڪجهڙايون‘ (ڊاڪٽر وحيد ڪلوڙ)؛ ’سنڌي الفابيٽ ۾ شامل 9 اضافي اکرن جو تنقيدي جائزو‘ (زبير سومرو)؛ ’محبت ٻرڙي جو لغت سازيءَ تي ٿيل ڪم‘: (دين محمد ڪلهوڙو)؛ ’ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل ’شاهه جي رسالي‘ جي چوٿين جلد جي ڳولا‘ ( مختيار ملاح)؛ ’شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي ’غيرتي‘ جو تنقيدي اڀياس‘ (ڊاڪٽر شير مهراڻي) ؛ ’ايڪو فيمينزم ۽ ڪتاب ’تون جو پاڇو چنڊ جو‘ ۾ فطرت نگاري‘ (شهناز شورو ۽ مبارڪ لاشاري)؛ ’غلام رباني آگري جي ڪهاڻين جو تنقيدي اڀياس‘ ( ريحانه نظير)؛ ’رسول ميمڻ جي چونڊ سائنسي ۽ نفسياتي موضوعن جي ڪهاڻين جو تنقيدي اڀياس‘ (ساجده پروين) ؛ ’ڪلاسيڪل دوهي جو فني ۽ فڪري جائزو‘ (مشتاق گبول) ۽ ٻيا مقالا شامل آهن.

”سنڌي ٻولي“ جرنل جي ايڊيٽر ڊاڪٽر اسحاق سميجي پڌرو ڪيو آهي ته هن جرنل ۾ سنڌي ٻوليءَ، لسانيات، سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌولڪت جي نون موضوعن تي ايندڙ مقالا ترجيح سان شايع ڪيا ويندا. سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل ڪنهن به پهلوءَ خاص طور اڻ ڇهيل موضوعن تي لکيل بهترين مقالا اداري جي انعامي مقابلي ۾ پڻ شامل ڪيا ويندا. ماهر ججن جي فيصلي کان پوءِ اداري پاران بهترين تحقيقي مقالي تي انعام پڻ ڏنو ويندو. ڊاڪٽر اسحاق سميجي ليکڪن لاءِ پڌرو ڪيو آهي ته ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل ۾ لکڻ وقت ادارتي پاليسيءَ ۽ تحقيق جي جديد طريقہ ڪار کي ضرور ڌيان ۾ رکيو وڃي. هن جرنل جو تازو شمارو (ڊسمبر 2022ع) پڻ ڇپائيءَ لاءِ موڪليو ويو آهي. مقالا موڪلڻ لاءِ هن اي ميل تي رابطو ڪيو وڃي: sindhiboli@sindhila.edu.pk

جرنل بابت نئين پاليسي جرنل جي ويبسائيٽ: " /https://journal.sindhila.org/ تي موجود آهي، جتان مقالا پڙهي ۽ ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.

# 2022ع دوران نوان شايع ڪيل ڪتاب

## سنڌي ٻوليءَ جو سرڪاري ۽ دفتري ڪارج




برطانوي راڄ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت بابت نامياري محقق مختيار احمد ملاح جو لکيل هيءُ ڪتاب 310 صفحن تي آهي. سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق ڪندڙ عالمن ۽ شاگردن لاءِ هي اهم ڪتاب آهي، جنهن کي حوالاجاتي مواد طور ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ڪچي جلدبنديءَ سان رنگين سرورق ۾ ڇپيل هن ڪتاب جي قيمت 600 رپيا آهي، جيڪو اداري جي قليچ ڪتاب گهر تان رعايتي اگهه سان خريد ڪري سگهجي ٿو.




## شيخ اياز جي شاعريءَ جي لغت

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي سرموڙ شاعر شيخ اياز جي شاعريءَ جي لغت ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي، جنهن جو مرتب ۽ محقق ڊاڪٽر فياض لطيف آهي. ناشر جي نوٽ ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجي لکيو آهي ته ڪيترائي لفظ، محاورا، اصطلاح، تمثيلون ۽ استعارا شيخ اياز جي صدقي سنڌي شاعريءَ کي نصيب ٿيا. هيءَ لغت يقينن اهم ۽ ياد رکڻ جهڙو ڪم آهي. 548 صفحن تي پکڙيل هيءَ لغت رنگين سرورق ۽ پڪي جلدبنديءَ سان شيخ اياز جي 25هين ورسيءَ جي موقعي تي ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي، جنهن جي قيمت 1400 رپيا آهي.

## محمدي قانون جا اصول




اسلامي قانون جي روشنيءَ ۾ وراثت ۽ ملڪيتي ورثن بابت اهم قانوني ڄاڻ تي مشتمل ڪتاب ’محمدي قانون جا اصول‘ عنوان سان مير محمد سولنگيءَ جو ترجمو ڪيل آهي. هن ڪتاب جو اصل ليکڪ سر دانش فردونجي ملا (ايف. ڊي مُلا ) آهي، جنهن انگريزيءَ ۾ اسلامي قانون بابت اهو ڪتاب لکيو هو. 246 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب جي قيمت 600 رپيا آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هن کان علاوه قانون جا ٻيا ڪتاب پڻ ڇپايل آهن.

***




# امداد حسينيءَ جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون سيمينار

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 10 آڪٽوبر 2022ع تي سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ شاعر امداد حسينيءَ کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ 'امداد حسينيءَ جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون' جي عنوان هيٺ 10 آڪٽوبر 2022ع تي هڪ سيمينار منعقد ڪرايو ويو. سيمينار جي صدارت نامور شاعره ۽ امداد حسينيءَ جي جيون ساٿياڻي ڊاڪٽر سحر امداد ڪئي. پنهنجي صدارتي خطاب ۾ هن چيو ته قوم وٽ شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ زنده رهندا آهن. جڏهن جڏهن امداد حسينيءَ جي شاعري پڙهي ويندي، ڳائي ويندي، هو اسان سان گڏ هوندو. وڏا شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ روشنيون، خوشبوءِ ۽ زندگي ڇڏي ويندا آهن. اسان کي ان خوشبوءِ، روشني ۽ زندگيءَ تائين پهچڻ لاءِ انهن جي شاعري پڙهڻي آهي. لطيف سائين، امداد صاحب جو سونهون آهي. هو ٻوليءَ جي استعمال جو 'ماسٽر' هو هن هر عمر جي ماڻهوءَ جي مزاج موجب ٻوليءَ جو استعمال ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي عالمن اديبن جو آڌرڀاءُ ڪرڻ سميت، امداد حسينيءَ جي شخصيت ۽ فن بابت ڳالهائيندي چيو ته "امداد صاحب بي مثال شاعرن جي دور جو شاعر آهي، جنهن دور ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام، نياز همايوني يا شمشير الحيدريءَ جهڙا شاعر به هئا، پر امداد صاحب پنهنجي منفرد لهجي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئون رخ ڏنو. امداد حسيني پنهنجي اندر ۾ هڪ نئون ماڻهو هو شين کي نئين نگاهه سان ڏسندڙ هو. هن سنڌي شاعريءَ جو مزاج بدلائڻ لاءِ مڪمل شعوري ڪوشش ڪئي. هن نوان موضوع ڪنيا، هن زرعي سماج جي موضوعن کي ڇڏي شهري زندگيءَ ۽ سماج جا موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا. شهرن جي اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ کي محفوظ ڪيو. امداد صاحب گهڻ رخي شخصيت هو هو وڏو شاعر ته هوئي پر هو وڏو عالم، نقاد، ايڊيٽر ۽ ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو. ڪيس ٻوليءَ بابت وڏي ڄڻتي هوندي هئي."

سيمينار ۾ تعليمدان ادريس جتوئي 'درسي ۽ نصابي ڪتابن جي تياريءَ ۾ امداد حسينيءَ جون مهارتون' جي عنوان سان پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته "امداد حسينيءَ پنهنجي ٻوليءَ سان ڪميٽيڊ هو ۽ هن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ درسي ڪتابن ۽ نصاب جي تياريءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو جنهن دوران ڪتاب جي ڇپائيءَ کان وٺي اُن جي ٻوليءَ ۽ معيار تائين هر شيءِ کي ڏسندو هو." سيمينار ۾ نصير مرزا 'امداد حسينيءَ جا ريڊيو ڊراما ۽ گيتن ڀريون ڪهاڻيون' جي عنوان سان ڳالهائيندي چيو ته "امداد صاحب ريڊيو لاءِ لکڻيءَ ۽ اسلوب جو جادوگر هو". ناميارې شاعر علي دوست عاجز 'امداد حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون حسناڪيون' جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهندي چيو ته "ٻولي جڏهن اپاٽڪي ٿيندي آهي ته شاعر جي سيني تي هٿ رکندي آهي، امداد حسينيءَ جي شاعري منفرد ۽ هاڻ تي لڳڻ جهڙي آهي." اداري جي سيڪريٽري ۽ ڪهاڻيڪار شبنم گل 'امداد حسينيءَ جي ڪهاڻين جي ٻولي ۽ اسلوب' جي عنوان سان مقالو پيش ڪندي چيو ته "امداد صاحب جي ڪهاڻين ۾ بيهڪ جي نشانين، لفظن ۽ جملن جي ترتيب ۽ ٻوليءَ جو حسن ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. هن عام فهم ٻوليءَ ۾ ماڻهن جي احساسن جي ترجماني ڪئي آهي." ناميارې ليکڪ علي آڪاش 'امداد حسينيءَ جي لکيل مهاڳن ۾ ٻوليءَ جي پهلوءَ تي ڳالهائيندي چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي ساخت، گرامر، بيهڪ ۽ جوڙجڪ کي سمجهڻ جي لاءِ امداد صاحب جا لکيل مهاڳ پڙهڻ ضروري آهن، امداد صاحب ٻوليءَ جي معاملي ۾ سخت نظريو رکندڙ هو هُو چوندو هو ته اهو شاعر ٿي ئي نٿو سگهي، جيڪو ٻوليءَ جو ڄاڻو نه آهي". ناميارې شاعر ياسر قاضي 'امداد حسينيءَ جا لکيل درسي نظم ۽ ٻارن لاءِ شاعريءَ' جي موضوعن تي ڳالهائيندي چيو ته "امداد صاحب هر سٽ ۾ زنده به آهي ته موجود به آهي ۽ هر سٽ ۾ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ ۾ سندس محبت نمايان نظر اچي ٿي. هن نصاب ۽ درسي ڪتابن سان گڏ رسالن ۾ ٻارن لاءِ بيحد حسين شعر لکيا." سيمينار ۾ ناميارې راڳي ذوالفقار علي قريشي پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ امداد حسينيءَ جو هڪ گيت پڻ جهونگاريو.



سيمينار جي ڪارروائي ڊاڪٽر فياض لطيف هلائي، ٻي ويهڪ ۾ نظر شاهه، خليل سمي، جواد احمد، فراز علي پلائي ۽ ٻين نوجوان راڳين، امداد حسينيءَ جا گيت ڳائي ٻڌندڙن کان داد حاصل ڪيو. سيمينار ۾ امداد حسينيءَ جي ڪٽنب سميت وڏي انگ ۾ عالمن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ شاگردن شرڪت ڪئي.

# شوڪت حسين شوري جي پهرين ورسي تقريب




سنڌ جي نامور ڪهاڻيڪار، افسانا ۽ ڊراما نگار شوڪت حسين شوري جي پهرين ورسي جي موقعي تي، سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 9 نومبر 2022ع تي هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن شرڪت ڪئي.












تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي نامور ليکڪ مدد علي سنڌي چيو ته شوڪت حسين شورو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. هن سان دوستيءَ جا گذريل پنجاهه سالن جا داستان آهن، ان تي ڳالهائڻ لاءِ ايترو وقت ۽ حوصلو گهرجي. شوڪت حسين شوري پنهنجي لائبريري سنڌالاجيءَ کي دان ڪئي، اڄ هو ان سنڌالاجي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اترئين پاسي آرامي آهي، جتي ڪي ئي سج اڀرندا ۽ لهي ويندا، پر شوڪت هميشه ياد رهندو.

شوڪت حسين شوري جي ڀاءُ ۽ ڪهاڻيڪار مشتاق شوري چيو ته شوڪت جو وڇوڙو اسان جي ڪٽنب لاءِ ڪنهن غير يقيني حادثي کان گهٽ نه هو جنهن تي ڳالهائڻ لاءِ لفظ ساٿ نه ٿا ڏين.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "شوڪت حسين شوري جي شخصيت ۽ تحرير منفرد ۽ دل کي ڇهندڙ هئي. هن جي خاموشيءَ جون سوين معنائون هيون. هن جي ڪهاڻين کي ترقي پسند ۽ قومپرست لاڙن گهڻو منفرد بڻايو. هن چيو ته ڊرامو ۽ ڪهاڻيون هن جا مک تخليقي مورچا هئا. هن جا لکيل ڊراما جڏهن هلندا هئا ته ماڻهن جا هجوم ٽي وي ءَ آڏو گڏ ٿي ويندا هئا. شوڪت شوري ۾ ڪا به وڏائي نظر نه آئي، هو جيترو وڏو ماڻهو هو، ايترو ئي سادو انسان هو. سندس ڪردار ۽ ذات ۾ چانڊوڪي هئي.

ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل منور علي مهيسر چيو ته اديب نه رڳو اڄ، پر سڀاڻ جو به سرمايو هوندا آهن. شوڪت حسين شورو مانيٽو ۽ بيحد شفاف ماڻهو هو.

شوڪت حسين شوري جي دوست ۽ نامياري شاعر نياز پنهور، شوڪت حسين شوري جي لکيل تصوراتي خط کي پڙهيو ۽ سندس باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته شوڪت حسين شوري جو ڪم ڪنهن کان لڪيل نه آهي، هن سنڌي سماج جي نبض تي هٿ رکي لکيو آهي، شوڪت ان پيڙا کي پاڻ محسوس ڪيو جيڪو عام ماڻهو ڀوڳي ٿو.

ناليواري ليکڪ زيب سنڌي چيو ته شوڪت حسين جي ڪهاڻيءَ کي پڙهي اڏ ۾ ڇڏڻ ڏکيو ڪم آهي. هن چيو ته "شوڪت ڪڏهن به شهرت جي ڊوڙ ۾ نه رهيو هُن پنهنجو ڪم خاموشي سان ڪيو ۽ ڪيس اها شهرت ملي، جيڪا ڪڏهن به ختم ٿيڻي ناهي. هن مطالبو ڪيو ته شوڪت حسين شوري جي اڻ ڇپيل لکڻين کي ڇپرايو وڃي.

ڊاڪٽر شير مهرائيءَ چيو ته شوڪت حسين شوري جي خاموشي ڪيترن ئي ليکڪن ۽ شاعرن کي گهڻو ڪجهه سيکاري ويندي هئي. هن چيو ته "سٺي ڪهاڻيءَ جو اهو فن آهي ته اها پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. شوڪت شوري جي ڪهاڻي به پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. شوڪت شوري جون ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويندا آهيون ته اڄ اسان ڪٿي بيٺا آهيون."

ڊاڪٽر ريحانه نذير چيو ته ون يونٽ ختم ٿيڻ کان



پوءِ سنڌ جي ڪجهه نوجوان اديبن ۽ شاعرن سنڌي ادب کي جديد بنيادن تي اڳتي وڌائڻ وارو ڪم ڪيو. شوڪت حسين شورو انهن اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ شامل آهي. شوڪت شوري جي ڪهاڻين ۾ جديديت آهي، هن جي ڪهاڻين جي خاص خوبي مختصر ۽ بامعنيٰ هجڻ آهي.

نامور شاعر دوست عاجز چيو ته شوڪت حسين گهڻ مطالعاتي ليکڪ هو. هن جي ڪهاڻين ۾ لفاظي گهٽ حقيقت وڏيڪ ملندي، شوڪت صاحب اهڙو وڻ هو جنهن جي ڇانءَ ۾ دوست ويهي ساهه پٽيندا هئا، پر سور به ساڻس ونڊيندا هئا. هن چيو ته مونکي شوڪت شوري جهڙو ماڻهو نظر نٿو اچي. قليچ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا چيو ته "اسان شوڪت صاحب کي هميشه خاموش ئي ڏٺو پر سندس شخصيت ڪمال جي هئي ۽ تخليق به اهڙي هئي.

ورسي تقريب دوران نياز پنهور جي مرتب ڪيل اردو ڪتاب 'شوڪت حسين شورو ايک عهدساز افسانه نگار' ۽ سارنگا جي 'شوڪت حسين شورو نمبر' جو مهورت پڻ ڪيو ويو.

# سنڌي صورتخطي: مسئلا ۽ حل- ورڪشاپ



سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2 آڪٽوبر 2022ع تي 'سنڌي صورتخطي: مسئلا ۽ حل' عنوان سان هڪ ورڪشاپ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور عالمن، اديبن، ٻولي ۽ لسانيات جي ماهرن ۽ نامور صحافين شرڪت ڪئي. ورڪشاپ جا مقصد ٻڌائيندي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته هڪ صديءَ کان به مٿي عرصو گذري چڪو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف صورتن ۾ لکجندڙ سوين لفظن جون ڪي واحد يا ترجيحي صورتون طئي ٿي نه سگهيون آهن. ان سلسلي ۾ پهرين وڏي اڳڀرائي 1913ع ۾ انگريز دور ۾ ٿي هئي ۽ آخري اهم ڪوشش سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2008ع ۾ ورتي وئي. اسان سنڌي ٻوليءَ جي هن اهم معاملي کي اوهان عالمن ۽ محققن آڏو بحث لاءِ کڻي آيا آهيون ته جيئن ان سلسلي ۾ وڏيڪ اڳڀرائي ٿي سگهي.

هن ورڪشاپ دوران اڪثريتي راءِ جي دليلن آڌار، اتفاق راءِ سان نه رڳو لفظن جون ترجيحي صورتون طئي ڪيون ويون، پر سنڌي ميڊيا ۾ ڪتب ايندڙ سوين ڏارين لفظن جي لاءِ متبادل سنڌي لفظ پڻ مقرر ڪيا ويا. ساڳئي وقت عربي گرامر موجب 'ي' مٿان لڳندڙ الف ايي/مقصوره بابت به غير معمولي فيصلا ٿيا. چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ورڪشاپ دوران بحث کي سميٽڙي سفارشون مرتب ڪيون. ورڪشاپ ۾ ڊاڪٽر غلام نبي سڌائي، تاج جويي، ڊاڪٽر ادل سومري، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي، پروفيسر نوراحمد جنجهي، ڊاڪٽر مخمور بخاري، ڊاڪٽر شير مهراڻي، ادريس جتوئي، عزيز ڪنگراڻي، ڊاڪٽر شازيه پتافي، ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيي، ڊاڪٽر عبدالقدير ڪانڌڙي، ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر علي مرتضي ڌاريجي، سهيل سانگي، ناز سهتي، علي آڪاش، ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي، ڊاڪٽر احسان دانش، ڊاڪٽر قلو مينگهواڙ ڀارو مل امراڻي، جمن احمداڻي، امين لغاري، خالد آزاد، شوڪت چاچڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

***















## ٻن ڏينهن جي قومي ڪانفرنس

# سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ٻارن جو ادب: نوان لاڙا، موضوع ۽ جديد گهرجون

ٻارن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ۽ 20 نومبر 2022ع تي "سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ٻارن جو ادب: نوان لاڙا، موضوع ۽ جديد گهرجون" جي عنوان هيٺ ٻن ڏينهن جي قومي ڪانفرنس ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي وئي. افتتاحي تقريب جي صدارت اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ڪئي. جڏهن ته خاص مهمانن ۾ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن، نديم الرحمان ميمڻ، ناميارو شاعر اياز گل، ڊاڪٽر ادل سومرو، 'شهيد الله بخش سومرو آرٽ يونيورسٽيءَ' جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ٻائي خان شر، سنڌ يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر رفيق ميمڻ شامل هئا. هن تقريب ۾ عالمن، اديبن، استادن سميت مختلف اسڪولن جي ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جو افتتاح مهمانن رنگ برنگي ڦوڪڻا اڏاري گڏجي ڪيو. تقريب جي ڪارروائي ياسر قاضيءَ هلائي.

افتتاحي تقريب جي صدارتي تقرير ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "هن ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ جي مقصد پويان هڪ محسوسات، هڪ اُلڪو فڪر، خوف ۽ خدشو آهي ته اسان جي ايندڙ نسل جي آبياري ۽ تربيت لاءِ تخليق ٿيندڙ ادب تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي، هن سماج جو نظر انداز ڪيل طبقو ٻار ۽ ٻاراڻو ادب آهي، ڪاغذ جي مهانگائي سبب سڻا رسالا ۽ ڪتاب ڇپجڻ گهٽجي ويا آهن. انهن حالتن ۾ ٻارن جي ادب جو مستقبل سواليه نشان بڻجي رهيو آهي. هن چيو ته دنيا ۾ ادب کي پيش ڪرڻ جو طريقو تبديل ٿي رهيو آهي، ايئن ئي اڄ جي ٻار کي موبائيل مان ڪيڻ لاءِ جديد طريقا استعمال ڪرڻا پوندا، هاڻ انيميشن ۽ ڪارٽون وسيلي ٻار ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهجي ٿي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اسان سماج کي نئتا بدلائي سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ اها شروعات پنهنجي ٻارن کان ڪريون، انهن کي ڪتاب ۽ رسالن ڏانهن راغب ڪريون، ان سان ئي بهتريءَ جي اميد ٿي سگهي ٿي." ڪانفرنس جي مهمان خاص ڪمشنر حيدرآباد نديم الرحمان ميمڻ خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته "جڏهن اسان اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ته مختلف رسالا ۽ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا هئا ۽ اسان کي انهن جو انتظار هوندو هو. ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ سان لکڻ جو شوق جاڳندو هو پر هاڻ اهو رجحان گهٽجي ويو آهي. هن چيو ته ٻارن جي سکيا ۽ تربيت لاءِ جديد دؤر جي مناسبت سان لکڻ گهرجي ته جيئن ٻار ۾ دلچسپي پيدا ٿئي، ڇو ته ادب پڙهڻ سان ئي اخلاقيات ۾ اضافو ٿئي ٿو". ناليواري شاعر اياز گل پنهنجي خطاب ۾ چيو ته "سچ پچ ته اهڙا ڏينهن اسان جي زندگيءَ ۾ گهٽ ايندا آهن، جڏهن اسان پنهنجي آئينديءَ يعني ٻارڙن سان مخاطب ٿيندا آهيون. اڄوڪي ڪانفرنس ۾ ٻارڙن جي ڀرپور شرڪت ڏسي دل خوش ٿئي ٿي. نامياري شاعر ڊاڪٽر ادل سومري چيو ته: "ماضيءَ ۾ ٻارن جي ادب ۾ گهڻو ڪم ٿيندو هو ٻارن کي پڙهڻ جا موقعا ڏنا ويندا هئا، 'گلن جهڙا ٻارڙا' رسالي جون هزارين ڪاپيون مهيني



جي پهرين هفتي ۾ ختم ٿي وينديون هيون ۽ گُل ڦل جون 12 هزار ڪاپيون







نڪرنديون هيون. ٻيا به ڪيترائي رسالا نڪرندا هئا ۽ تنظيمون به ڪم ڪنديون هيون. هاڻ اهو رجحان ختم ٿي ويو آهي. هن چيو ته ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 'چلڊرين اڪيڊمي' يا ادبي بورڊ جهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي." شهيد الله بخش سومرو آرٽ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ٻائي خان شر چيو ته "حيدرآباد علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين جو محور رهيو آهي پر ٻارن جي حوالي سان هتي هن قسم جون سرگرميون ورلي ٿيون آهن". سنڌ يونيورسٽيءَ جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر رفيق ميمڻ چيو ته "ٻارن جي لاءِ ڪنهن هڪ ڏينهن کي مخصوص نٿو ڪري سگهجي، ٻار کي هر ڏينهن هر گهڙيءَ رهنمائي جي ضرورت هوندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل چيو ته "ٻار سماج جو روشن ۽ خوبصورت آئيندو آهن. انهن جي بهتر تعليم ۽ تربيت جي ذميواري به اسان جي آهي، انهن جي اکين ۾ جيڪا روشني آهي، اها معاشري کي وڌيڪ روشن ڪري ٿي."

افتتاحي تقريب کان پوءِ قومي ڪانفرنس جي پهرئين ڏينهن تي "دنيا ۾ ٻارن جي ادب جا نوان موضوع، رجحان ۽ صورتون" جي عنوان هيٺ پهرين ويهڪ/ سيشن کي ادل سومرو، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، مختيار ملڪ، ياسر قاضي ويچار ونڊيندي چيو ته "ٻاراڻو ادب ئي روشن مستقبل جو بنياد آهي، ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هن قسم جون سرگرميون ڪرڻ سان گڏ، علمي ادبي ادارن ۾ چلڊرين سيڪشن جوڙي انهن کي متحرڪ ڪيو وڃي. هن سيشن ۾ ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي (پارت مان) ۽ نصير ميمڻ آن لائن شرڪت ڪري پنهنجا ويچار ونڊيا. هن نشست جي ميزباني پروفيسر شبنم گل ڪئي. هن قومي ڪانفرنس دوران ٻاراڻي ادب جي نامياري ليکڪ اياز پاٽوليءَ سان مختصر رهاڻ کان پوءِ کيس 'لائيف ٽائيم اچيومنٽ ايوارڊ' پڻ ڏنو ويو. ساڳيو ايوارڊ پرواني سيوهاڻيءَ لاءِ به اعلانيو ويو. پهرئين ڏينهن جي آخري سيشن ۾ "ٻالڪ سُر منڊل" ذريعي ٻارن پنهنجي آواز ۽ انداز ۾ ڳائي ڏيکاريو ۽ بهترين ڳائڻ تي ٻارن ۾ انعام به ورهايا ويا.

## قومي ڪانفرنس جو ٻيو ڏينهن

قومي ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن تي پهرين نشست ۾ "سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ٻارن جو ادب" جي عنوان هيٺ ڊاڪٽر علي مرتضي ڌاريجي، ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر منظور ويسريي، شاگردياڻي آئشه حميد ۽ سعيد سميجي پنهنجا مقالا پيش ڪيا. هنن مطالبو ڪندي چيو ته "ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ٻاراڻي ادب ۽ تربيت لاءِ الڳ وزارت قائم ڪري ادارا جوڙيا وڃن". هن سيشن جو ميزبان امر فياض ٻرڙو هو. هن نشست جي صدارت ڪندي ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي چيو ته "دنيا ۾ ٻارن جي حقن ۽ تربيت لاءِ وڏا ادارا قائم آهن. پر اسان وٽ سڀ کان وڌيڪ نظر انداز ٻار ٿين ٿا. اهي مستقبل جا وارث آهن ۽ وڏو ذهن رکن ٿا. انهن کي موبائيل ڏيئي ڏسو ته پنهنجي مقصد جو ڪم ڪيئن ٿا ڪن؟ ان لاءِ ضروري آهي ته ٻار کي موبائيل سميت جديد شين جو درست استعمال سيکارجي. ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته "ٻار اسانجو اثاثو آهن. انهن کي مستقبل جون واڳون سنڀالڻيون آهن. ان لاءِ جديد دور جي تقاضائن مطابق سندن تربيت ڏيڻ کپي. قائداعظم يونيورسٽيءَ جي استاد ڊاڪٽر منظور علي ويسريي چيو ته "ٻاراڻو ادب لکڻ مشڪل آهي، ان هوندي به انيڪ عالمن، اديبن، شاعرن ٻارن لاءِ لکيو آهي، اهو ڏسي چئي سگهجي ٿو ته 'سنڌي ٻاراڻو ادب' پاڪستان جو 'خوشحال ادب' آهي. دولتپور کان آيل انٽر جي شاگردياڻي آئشا حميد چيو ته "ٽيڪنالاجي اهو فورم آهي، جتي سماجي ۽ ثقافتي بحث مباحثا ٿيندا آهن. ٽيڪنالاجيءَ تي ٻڌل رانديون، ڪهاڻيون ۽ ٻيو مواد ٻارن کي وڌيڪ متاثر ڪري ٿو جنهن ذريعي ٻوليءَ جي سکيا بهتر ٿي سگهي ٿي. نوجوان ليکڪ سعيد احمد سميجي چيو ته "ٻار مستقبل جو اثاثو آهن. انهن کي ڪتاب جو ذوق ڏيارڻ لاءِ سڌريل ملڪن ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ کان مدد ورتي ويندي آهي. ڪارٽون ۽ اينيميشن وغيره ذريعي



ڪتاب پڙهايا ويندا آهن، اسان کي به انهيءَ تي ڪم ڪرڻ گهرجي.“

**”پاڪستان ۾ لکجندڙ ٻارن جي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل“**: جي عنوان هيٺ ٿيل سيشن ۾ مختلف ٻولين جي ليکڪن ويچار ونڊيا. هن سيشن جي ڪارروائي محمد وسيم خان هلائي. اردو ٻوليءَ جي نمائندگي ڪندي پروفيسر سليم مغل چيو ته ”سنڌي ٻاراڻي ادب تي ڪم گهٽيو ضرور آهي، پر اهو ٿي رهيو آهي، هيءَ ڪانفرنس ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته اهو پاسو نظرانداز نه ٿيو آهي.“ پنجابي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکندڙ نامور اديب ۽ ’پکيرو‘ رسالي جي ايڊيٽر پروفيسر اشرف سحيل چيو ته ”1979ع ۾ پنجابي ٻاراڻي ادب ۾ پهريون ڪتاب ڇپيو ۽ ان کان پوءِ ڪيترائي ڪتاب پنجابي ٻولي ۾ ترجما ٿيا. هن چيو ته سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب لاءِ سنجيدگيءَ کي ڏسي آئون متاثر ٿيو آهيان ته هتان جا ادارا بامقصد ڪم ڪن پيا.“ بلوچي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب بابت ڳالهائيندي نور محمد جمالي چيو ته ”بلوچستان ۾ ڪوئيٽا شهر کان سواءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ڪٿي سهولت ناهي، جن علائقن ۾ بجلي ناهي اتي انٽرنيٽ ڪٿان هلندي؟ هن مطالبو ڪيو ته ٻاراڻي ادب ۽ تربيت لاءِ باقاعده الڳ وزارت هجڻ گهرجي ۽ ادارا ٺاهڻ گهرجن.“ براهوي ٻوليءَ جي نمائندگي ڪندي محقق نذير شاڪر براهوي چيو ته ”ٻاراڻو ادب روشن مستقبل جو بنياد وجهندو آهي. براهوي ٻوليءَ ۾ پڻ ٻاراڻو ادب تخليق ٿئي پيو.“ سيشن جي صدارت ڪندي الطاف ملڪانيءَ چيو ته ”1981ع کان 85-86 تائين تنظيمون ٻارن لاءِ ڪم ڪنديون هيون، رسالا ڪڍيا ويندا هئا، هاڻ اهو ڪم مڪمل بند آهي. هن چيو ته ٻاراڻي ادب کي ڪمرشلائيز ڪري ڊجيٽل دور ڏانهن وڃڻو پوندو. هن تجويز ڏيندي چيو ته ٻارن لاءِ وزارت ۾ الڳ شعبو قائم ڪيو وڃي. سيشن ۾ اردو ٻولي جي ليکڪ محبوب الاهي پڻ پنهنجا ويچار ونڊيا.



**”ٻارن جي روشن مستقبل ۾ ادب جو ڪردار“** جي عنوان هيٺ، ٻاهرئين پنڊال ۾ هڪ سيشن ٿيو جنهن جو ميزبان شوڪت چاچڙ هو. ان نشست جي صدارت ڪندي ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ چيو ته ”ڪهاڻين، افسانن ۽ آکاڻين ۾ ٻار وڏيڪ دلچسپي وٺندا آهن. ان ڪري ٽئين چوٿين درجي کان ٻارن کي مختلف موضوعن تي ڪهاڻيون پڙهايون وڃن.“ نوجوان ليکڪ زبير سومري چيو ته ”اسان جي اسڪولي زماني ۾ ٻاراڻي ادب جي رسالن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو ۽ ان کان پوءِ لکڻ جو حوصلو وڌيو پر اڄ جي ٻار ۾ اها دلچسپي ناهي.“ اردوءَ ۾ ٻارن لاءِ انيڪ ڪتاب لکندڙ اديب خليل جبار چيو ته ”ٻاراڻو ادب هجي يا وڏن جو ادب شروعات لوڪ ادب کان ٿيندي آهي، ڪهاڻيون ۽ آکاڻيون اڳتي پڙهڻ لاءِ دلچسپي وڌائين ٿيون ۽ پوءِ لکڻ ڏانهن مائل ڪنديون آهن، ان ڪري ٻارن کي لوڪ ادب به پڙهائڻ گهرجي.“ نوجوان ليکڪ حسيب ڪانهيي ۽ نوجوان ليکڪ ضمير عباس ابڙي پڻ سيشن ۾ پنهنجا ويچار ونڊيا.

**”ٻارن جا رسالا ۽ اشاعتي ادارا“** جي عنوان هيٺ مذاڪري ۾ مختلف پبلشرن ۽ اشاعتي ادارن جي مالڪن نذير ناز انور سومري، هالار نواز ۽ محمد علي ماجد پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ چيو ته ”هاڻ پڙهڻ جو رجحان گهٽجي رهيو آهي، ڪتاب ڇپجن ضرور ٿا، پر انهن جون ڪاپيون گهٽ ڇپايون وڃن ٿيون. ڪاغذ سميت ٻين شين جي اگهن وڌڻ ڪري هاڻ رسالا نٿا ڇپائي سگهجن. اهڙي صورتحال ۾ ٻاراڻي مواد جو ڇپجڻ ڏکيو آهي“. هن مذاڪري جي ميزباني واحد پارس هيسباڻي ڪئي.

**”درسي ڪتابن ۾ موجود ٻارن جو ادب ۽ سنڌيءَ جي تدريس“** جي عنوان هيٺ ٿيل سيشن جي صدارت ڪندي تعليمي ماهر ادريس جتوئي چيو ته ” ٻارن جي ادب جي درجي بندي کي ڌيان ۾ رکيو وڃي ٿو ساڳيءَ طرح نصاب ۾ پڻ ٻارن جي ذهني سطح کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. هن چيو ته نصاب وسيلي ئي اهڙا شاگرد پيدا ڪري سگهون ٿا، جيڪي تخليقي ذهن جا مالڪ هجن.“ تعليمي ماهر ڊاڪٽر عبدالرزاق چنا ”سنڌي نصاب ۾ صنفي اڻ برابري“ واري موضوع بابت ڳالهائيندي چيو ته سنڌي نصاب ۾ صنفي اڻ برابريءَ جو مسئلو مختلف تعليمي پاليسين جي اعلانن باوجود اڃا تائين حل نه ٿي سگهيو آهي. نصابي ڪتابن ۾ 23 سيڪڙو عورتن/ڇوڪرين جون تصويرون ۽ 77 سيڪڙو مرد/ڇوڪرن جا عڪس صنفي اڻ برابريءَ کي ظاهر ڪن ٿا. هن ٻڌايو ته 1950ع کان 2018ع تائين سبق لکندڙ ليکڪن ۾ ڪا به عورت ليکڪ شامل ناهي. محترم علي نواز عابد سومري ”پهرين کان پنجين درجي جي درسي ڪتابن جو تنقيدي جائزو“ عنوان سان مقالو پڙهندي چيو ته ”ٻارن لاءِ نصاب جي چونڊ تمام اهم آهي،

ٻارن جي عمر جي سطح مطابق سبقن ۾ لفظن جي چونڊ، جملن جو استعمال ۽ تصوير ڪشي جو وڏو ڪردار هوندو آهي، پر سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي ڪتابن ۾ هڪ صدي اڳ جا پراڻا نظم اڄا تائين ورجايل آهن." تعليمي ماهر ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ پنهنجي مقالي ۾ سنڌي نصاب ۾ لساني مهارتن جي اهميت تي زور ڏنو. صحافي ۽ اديب غلام مصطفيٰ سولنگيءَ پنهنجي مقالي ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ نوان لاڙا آڻڻ، جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ۽ لکڻ وقت ٻارن جي عمر ۽ درجي جو خيال رکڻ تي زور ڀريو.

**"ٻارن جو ادب ۽ جديد دؤر جون تقاضائون"** جي سري هيٺ مباحثو پڻ ٿي گذريو جنهن ۾ نصير مرزا ۽ رفيق وساڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. هن مباحثي جي ميزباني خالد آزاد ڪئي.

**"سنڌي ۾ لکيل ٻارن جو ادب"** هن عنوان هيٺ ٿيل سيشن جي صدارت نامياري شاعر اياز گل ڪئي، جڏهن ته علي دوست عاجز، غلام محمد 'غازي'، هوش محمد ڀٽي، مشتاق گبول ۽ الياس رند پنهنجا مقالا ۽ خيال پيش ڪيا. علي دوست عاجز استاد بخاريءَ جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ تي مقالو پڙهيو. غلام محمد 'غازيءَ' سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ تي مقالو پيش ڪيو. هوش محمد ڀٽيءَ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ناول جي صنف تي روشني وڌي. مشتاق گبول ڪشنچند بيوس جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ تي مقالو پڙهيو. الياس رند سنڌي ٻاراڻن ناولن جو تذڪرو پيش ڪيو.



**ڪهاڻين ٻڌائڻ جو دؤر:** هن سيشن ۾ ويچار ونڊيندي اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل، نامياري ليکڪ ۽ پبلشر نذير ناز، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، گلبدن جاويد مرزا، زيب نظاماڻي ۽ حميرا شمس چيو ته والدين کي کپي ته ڪتاب کي ٻارن جي زندگيءَ ۾ واپس وٺي اچن، ٻارن کي ڪتب خاني ۾ وٺي وڃن ۽ مهيني ۾ هڪ ڪتاب وٺي ڏين. هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي دور ۾ اسان جون مائرون ڪتاب وٺي ڏينديون هيون ۽ اهڙا موقعا پيدا ڪنديون هيون ته اسانجي ڪتابن سان دلچسپي وڌي، ان دور جون پڙهيل ۽ ٻڌل ڪهاڻيون اسان کي اڄ به ياد آهن.

**اختتامي سيشن:** ٻن ڏينهن واري هن قومي ڪانفرنس جي اختتامي سيشن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي شرڪت ڪندڙن سمورن مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته "جڏهن به ٻارن متعلق سوچ يا ڳالهه ايندي آهي ته ٻاراڻي ادب تي ئي سوچبو آهي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ٻارن جي لغت ۽ انسائيڪلوپيڊيا ٺاهڻ لاءِ پڻ ڪم ڪندو ۽ اڄ جيڪي ٺهراءَ منظور ٿيا آهن، ان ڏس ۾ حڪومت کي لکنداسين. سنڌ حڪومت ۾ هن وقت سنڌ دوست، علم، ادب، ٻوليءَ ۽ ثقافت سان محبت ڪندڙ شامل آهن اميد ته اڳڀرائي ٿيندي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته هاڻ اهڙو پروگرام ترتيب ڏينداسين، جنهن ۾ صرف ٻار ۽ ماءُ شرڪت ڪن ۽ اتي نانيءَ ۽ ڏاڏيءَ جون آکاڻيون ٻڌجن. قومي ڪانفرنس ۾ آيل خاص مهمانن ۽ مقالا نگارن کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران شيلڊون پڻ ڏنيون ويون. ٻارن جي قومي ڪانفرنس جي آخري نشست ۾ 'الف- اک' 'ب- ٻدڪ' عنوان سان اسٽيج ڊرامو پڻ پيش ڪيو ويو. ڊرامي جو ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر شاهنواز ڀٽي هو. هن تقريب ۾ عالمن اديبن کان علاوه مقامي ماڻهن پنهنجي ڪٽنب ۽ ٻارن سميت شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي آخر ۾ پيش ڪيل ٺهراءَ پڻ يڪراءِ منظور ڪيا ويا.

## ڪانفرنس ۾ منظور ٿيل ٺهراءَ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد پاران ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ سرجيل ٻارن جي ادب جي حوالي سان "ٻارن جو ادب: نوان لاڙا، موضوع ۽ جديد دؤر جُون گهرجُون" جي موضوع تي منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري قومي ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي منظُور ڪيل ٺهراءَ:

هي ايوان يڪراءِ طور هي ٺهراءَ منظُور ڪري ٿو ته:

1. سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ هڪ الڳ اداري يا چلڊرين اڪيڊميءَ جي قيام لاءِ عملي ڪوششون ورتيون وڃن.
2. سنڌ جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ هر اداري ۾ ٻارن جي ادب لاءِ ڪم ڪندڙ خاص سيل / شعبي جو قيام عمل ۾ آندو وڃي.
3. ان سيل يا شعبي پاران ٻارن جي ليکڪن، السٽريٽرس / چترڪارن، ڊزائينرس، ۽ اينيميٽرس کي گڏ ويهاري، انهن کان ٻارن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث خاص ڪردارن تي ٻڌل نظم، ڪهاڻيون ۽ منظوم ڪهاڻيون تخليق ڪيون وڃن.
4. انهن ادارن پاران ٻارن لاءِ ماهوار روايتي رسالن سان گڏوگڏ آڊيو توڙي ويڊيو (ڊجيٽل) رسالا جاري ڪيا وڃن.
5. انهن ادارن پاران سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنڌ سطح جو "ٻالڪ ميلو" منعقد ڪيو وڃي.
6. سنڌ جي هر اسڪول ۾ سال ۾ هڪ ڀيرو "لطيف جو ڏهاڙو" ۽ هڪ ڀيرو سائنس ميلو منعقد ڪرايو وڃي.
7. سنڌ جي هر اسڪول ۾، هر ڪلاس لاءِ هفتي ۾ هڪ ڀيرو لائبريريءَ جو پيرڊ لازمي طور تي شامل ڪيو وڃي.
8. سرڪاري سطح تي ٻارن لاءِ هڪ ڪُل وقتي ٽي وي چينل جو اجراء ڪيو وڃي، جنهن ۾ نشر ٿيندڙ پروگرامن ۾، پاڪستان جي مُک ٻولين لاءِ برابريءَ جي بنياد تي وقت مقرر ڪيو وڃي.
9. سرڪاري ٽي وي چينل سان گڏوگڏ سمورن سنڌي خانگي چينلس پاران روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪلاڪ ٻارن لاءِ پروگرام پيش ڪيا وڃن.
10. سنڌ جي سمورين سرڪاري لائبريرين ۾ ٻارن جا ڪارنر قائم ڪيا وڃن.

# سنڌي پڙهائڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون ۽ مسئلا - تربيتي ورڪشاپ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "سنڌي پڙهائڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون ۽ مسئلا" جي عنوان هيٺ 11 نومبر 2022ع تي خانگي اسڪولن جي استادن لاءِ هڪ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. تربيتي ورڪشاپ ۾ مختلف خانگي اسڪولن جي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ کي خطاب ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته هيءُ ادارو ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ تدريس کي هٿي وٺرائڻ لاءِ




جوڙيو ويو آهي. ٿوري گهڻي فرق سان اسان جو بنيادي ڪم سنڌي پڙهائيندڙ ۽ سنڌي سيکاريندڙ استادن جهڙوئي آهي. ان ڪري هاڻ سنڌي جي معياري تعليم جي بهتري لاءِ گڏجي وڌڻو پوندو. هن ورڪشاپ جو مقصد ئي اهو آهي ته خانگي اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن سان جيڪي مسئلا درپيش آهن، اهي ٻڌي گڏيل طور انهن جو حل ڪڍون، ڇو ته ٻولي بچائڻ لاءِ استاد جو ڪردار اهم ۽ بنيادي آهي، پر بدقسمتيءَ سان هن وقت تائين سنڌي صرف مضمون طور پڙهائي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ ان کي ٻوليءَ طور پڙهائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌ جي تعليم کاتي سان گڏجي ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ سنڌي لئنگئيج سينٽر قائم ڪري رهيا آهيون، جيڪي هڪ مهيني جو ڪورس شروع ڪرائيندا. ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته اسان سڀ سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهيا آهيون، اسان جي معاشري جا وڏا نالا عبدالستار ايڌي ۽ اديب رضوي به سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم ورتي. اڄ لکين روپيا فيس وٺندڙ اسڪول اديب رضوي پيدا نٿا ڪري سگهن. ڌارين ٻولين جي غلبي سبب اسان جو ٻار پنهنجي ثقافت ۽ روايتن کان پري ٿي رهيو آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي مالڪي ڪرڻي پوندي. هن معاملي ۾ ادارن کان وڌيڪ استاد ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ڇو ته ماءُ کان پوءِ استاد جو ئي بنيادي ڪردار هجي ٿو هتي سنڌي پڙهائيندڙ استادن کي اها اهميت نٿي ملي، جيڪا ٻين موضوعن جي استادن کي ملندي آهي. ان ڪري سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي اهميت وڌائڻ لاءِ سرڪار سان ڳالهائينداسين. ڇو ته اهو مورچو انتهائي اهم آهي ۽ ٻوليءَ جي جنگ اوهان استاد ئي کٽائي سگهو ٿا.

ناليواري تعليمدان پروفيسر ادريس جتوئي چيو ته "عالمي اداري يونيسڪو کان وٺندي دنيا جي ماهرن به اهو تسليم ڪيو آهي ته بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ وٺندڙ شاگردن ۾ سوچ سمجهه وڌيڪ مضبوط ٿيندي آهي. معياري تعليم لاءِ نصاب ۽ استاد جي تربيت ۽ سکيا وارو ماحول بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. هن چيو ته بنيادي تعليم رياست جي ذميواري آهي، پر پاڪستان اهو ملڪ آهي، جتي اڌ ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن ۽ جيڪي ٻار اسڪول ۾ آهن، انهن کي بنيادي تعليم ئي پنهنجي ٻوليءَ ۾ نٿي ڏني وڃي، اهوئي سبب آهي، جو اڄ پنجين درجي جو ٻار نه بيت پڙهي سگهي ٿو ۽ نه ئي آکاڻي سمجهي سگهي ٿو اهو هڪ وڏو الميو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جنهن ٻار ۾ پنهنجي ٻولي ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ جي صلاحيت مضبوط آهي اهو دنيا جي ڪا به ٻولي آساني سان سکي سگهي ٿو ان ڪري احساس ڪمتري مان نڪري ٻار کي پنهنجي مادري زبان ۾ بنيادي تعليم ڏيون. ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولز



نصرت سهتو چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت کان پاڻ سڀ واقف آهيون، اهائي اسان جي سڃاڻپ آهي، جڏهن ته آئيني ۽ قانوني طور تي پڻ تحفظ مليل آهي، ان ڪري اسان سڀني جو انفرادي طور تي به فرض بنجي ٿو ته ان لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سان گڏجي سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي تربيت شروع ڪنداسين".

ڊائريڪٽر ٽيچرز ٽريننگ انسٽيٽيوشنز سنڌ هارون لغاري چيو ته اسان جي اداري جو ڪم ئي معياري ۽ دوستاڻي تعليمي ماحول لاءِ استادن جي تربيت ڪرائڻ آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ان ڏس ۾ اڳڀرائي ڪئي آهي. اسان ضلعي سطحي تائين هن مقصد لاءِ گڏ هونداسين. هن چيو ته اسان کان وڏڙا ٽئين درجي ۾ پڙهڻ دوران اخبارون پڙهائيندا هئا، پر اڄ پنجين ڇهين درجي جي ٻار کي درست سنڌي آکاڻي پڙهڻ نٿي اچي، ان ۾ استاد جو ڏوهه آهي.

ورڪشاپ دوران پيش ايندڙ مسئلن، ڏکيائين ۽ انهن جي حل لاءِ سوالنامو پڻ ڏنو ويو. جيئن ان تجويزن جي بنياد تي تربيتي سلسلي کي ڪاميابي سان هلائي سگهجي.

## سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڪورس ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۾ سنَدون ورهائڻ جي تقريب

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 'سنڌي ٻوليءَ جي سکيا' جي سلسلي هيٺ، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي لاءِ بنيادي سنڌي سکيا جي هڪ مهيني واري ڪورس ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب 23 آگسٽ 2022ع تي منعقد ڪئي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "ٻولي اسان کي مائرن وٽان ورثي ۾ ملندي آهي،



اها اسان جي بدقسمتي آهي ته سنڌ جي نئين نسل کي سنڌي سکڻي پوي ٿي! جڏهن ته هو ان جا امين ۽ وارث آهن. هن چيو ته دنيا ۾ ڪيترين ئي ٻولين کي مرڻ جو خطرو آهي، پر خوشقسمتيءَ سان سنڌي حڪومتي پاليسين توڙي سنڌي ماڻهن جي وارثيءَ سبب خطري کان ٻاهر آهي، ان جي باوجود اسان کي پنهنجن سماجي روين ۾ بهتري آڻڻي پوندي". اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته اداري جو مقصد ئي سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ۽ ان جي واڌ ويجهه لاءِ اپاءَ وٺڻ آهي. ان حوالي سان اسان هميشه ڪوششون ورتيون آهن. هن چيو ته هن قسم جي سکيا جا مرحلا اڳتي به جاري رکيا ويندا. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سندون پڻ ڏنيون ويون.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي موضوع وار ڪتابيات (Bibliography) جي تياري

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌيءَ ۾ ڇپيل سمورن ڪتابن جي موضوع/ شعبي وار ببليوگرافي ٺاهڻ جي رٿا شروع ڪئي وئي آهي. هن رٿا موجب شاعري، افسانوي ادب، سوانحي ادب، تاريخ، تنقيد، تحقيق، ٻاراڻي ادب، سائنسي ادب، سماجي علمن ۽ ٻين موضوعن جي ڪتابن جي ڇاڻ تي ٻڌل موضوع واري ببليوگرافي شايع ڪئي ويندي.

اوهان پنهنجن لکيل/ ترجمو ڪيل/ مرتب ڪيل ڪتابن يا ڪنهن اداري پاران ڇپايل ڪتابن جي ڇاڻ (موضوع، ڇپائيءَ جو سال ۽ ڇپائيندڙ ادارو) اداري کي موڪلي سگهو ٿا ته جيئن لاڳاپيل موضوع جي ببليوگرافيءَ ۾ اهي ڪتاب شامل ڪري سگهجن.

### جنوري 2022ع کان جولاءِ 2022ع تائين ٿيندڙ سرگرمين جو مختصر احوال

## مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ڪيل قومي ڪانفرنس

21 فيبروري 2022ع تي ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ مادري ٻولين جي واڌ ويجهه" جي عنوان هيٺ هڪ ڏينهن جي قومي ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو ويو. هن قومي ڪانفرنس ۾ ٻه ويهڪون ٿيون، جن ۾ ملڪ جي عالمن، اديبن ۽ مختلف ٻولين جي ماهرن خطاب ڪيو. پهرين ويهڪ جي صدارت نالي واري عالم ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪئي، جڏهن ته پهرين ويهڪ ۾ اداري جي تڏهوڪي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، اردو جي ناليواري شاعره فاطمه حسن، ماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگوئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي، اردو جي محقق ۽ تاريخدان عشرت علي خان، ڊاڪٽر شير مهراڻي، پروفيسر ادريس جتوئي، ڊاڪٽر احسان دانش، براهوي ٻوليءَ جي ڊاڪٽر نذير شاڪر پنهنجا مقالا پڙهيا. ناليواري ليکڪ امر جليل ۽ اردوءَ جي ناليواري ليکڪ ٻيلا رضا جميل آن لائين ويچار ونڊيا.

قومي ڪانفرنس جي ٻي ويهڪ جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ڪئي. ان کان سواءِ اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل، ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيئي، گلبدن جاويد مرزا ۽ شبير ڪنڀار خطاب ڪيو. قومي ڪانفرنس دوران اداري پاران ڇپيل پنجن ڪتابن: (1) سول پروسيجر ڪوڊ ڇاپو ٻيو، (2) ڊجيٽل سنڌي، (3) علم اللغت، (4) غريب اللغات ۽ (5) سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل جو مهورت پڻ ڪيو ويو. آخر ۾ اتفاق راءِ سان قراردادون پڻ پاس ڪيون ويون.

## سنڌي ٻولي ۽ لپي: ڪالهه، اڄ، سڀاڻي ڪانفرنس

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 20 جنوري 2022ع تي 'سنڌي ٻولي ۽ لپي: ڪالهه اڄ ۽ سڀاڻي' جي عنوان هيٺ ڪانفرنس ۽ ادبي ايوارڊ 2019ع جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت ناليواري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪئي. ڪانفرنس کي اداري جي تڏهوڪي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر اسحاق سميجي، مدد علي سنڌي، ادل سومري، ادريس جتوئي، ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر مخمور بخاري، اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل خطاب ڪيو. تعليم، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه پنهنجي موڪليل پيغام ۾ ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ 2019ع ۾ ڇپيل ڪتابن تي ايوارڊ حاصل ڪندڙ ليکڪن کي مبارڪون ڏنيون.

سال 2019ع ۾ ڇپيل سنڌي ادب جي اٺن مختلف صنفن جي ڪتابن کي ايوارڊ ڏنا ويا، جن ۾ ٻولي /لسانيات جي موضوع تي انجنيئر عبدالوهاب سهتي جي ڪتاب 'نصيحت آموز آکاڻين وارا پهاڪا'، تحقيق / تنقيد تي ادل سومري جي ڪتاب 'سنڌي ادبي سنگت هڪ تحريڪ'، سوانحي ادب جي موضوع تي عبدالحئي پليجي جي ڪتاب 'هڪ ٻي زندگيءَ جي تمنا'، ناول تي ابراهيم ڪرل جي ڪتاب 'رشتن جي خانه بدوشي'، ڪهاڻين تي طارق قريشي جي ڪتاب 'آسمان ڇا ٿو چئي؟'، شاعريءَ جي موضوع تي ديدار شاهه جي ڪتاب 'ٻيو ڪو ٻيجل'، ترجمي تي ڊاڪٽر شير مهراڻي جي ڪتاب 'درد جو معراج'، ٻاراڻي ادب تي جبار آزاد منگيءَ جي ڪتاب 'ٽمون شرارتي' شامل آهن.

## شيخ اياز جي 99 هين ورسي جي مناسبت سان مذاڪرو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2 مارچ 2022ع تي سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي 99 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي مذاڪري جو اهتمام ڪيو ويو.

مذاڪري کي ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، پروفيسر ادريس جتوئي، ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، نصير مرزا، پروفيسر شبنم گل، ٻارومل امراڻي، ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر مشتاق گبول، ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ ضياءَ ابڙي پڻ خطاب ڪيو.




## سنڌي مضمون نويسيءَ بابت تربيتي ورڪشاپ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ’سنڌي مضمون نويسي‘ بابت ٻن ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ 27 ۽ 28 جون 2022ع تي ٿي گذريو.

پهرئين ڏينهن ناليواري تعليمدان پروفيسر ادريس جتوئي "سنڌي مضمون نويسيءَ جي تاريخ" جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.

ٻئي ڏينهن جي تربيتي ويهڪ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي ٻرڙي مضمون نويسيءَ جي فن تي تربيتي ليڪچر ڏنو.

## ”سوشل ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻولي“ سيمينار

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 22 جون 2022ع تي "سوشل ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻولي" جي عنوان سان سيمينار 22 جون 2022ع تي، اداري جي ڊاڪٽر بلوچ هال ۾ منعقد ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت برک ليکڪ مدد علي سنڌي ڪئي. جڏهن ته ناليواري ليکڪ زاهده تاج ابڙي، امر فياض ٻرڙي، ناليواري صحافي ناز سهتي، پي ٽي وي جي پروڊيوسر غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ شبنم گل پڻ خطاب ڪيو.

## شوڪت حسين شوري جي ياد ۾ ادبي ميڙاڪو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 10 فيبروري 2022ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري اديب ۽ اداري جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر شوڪت حسين شوري جي ياد ۾ ادبي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت ڊاڪٽر قاضي خادم ڪئي. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه پنهنجي موڪليل پيغام ۾ شوڪت حسين شوري کي خراج تحسين پيش ڪيو. اداري جي ٽڏهوڪي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، مدد علي سنڌي، ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ادريس جتوئي، پروفيسر شبنم گل، ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر فياض لطيف، مٺي مهيري ۽ ذوالفقار هاليپوٽي شوڪت حسين شوري کي ڀيٽا پيش ڪئي.

## سنڌي سکيا ڪورس بابت گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 7 جنوري 2022ع تي سنڌي ٻولي سکيا ڪورس جي حڪمت عملي بابت گڏجاڻي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ نجي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ بابت جائزو ورتو ويو. گڏجاڻي ۾ طئي ڪيو ويو ته نئين دور جي تقاضائن موجب سکيا ۽ پڙهائڻ جا پروگرام ترتيب ڏنا وڃن، جيئن سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن، اردو ۽ انگريزي ميڊيم وارن ٻارن لاءِ الڳ الڳ حڪمت عملي جوڙي سگهجي. ان کان سواءِ يوٽيوب تي آن لائن پروگرام ترتيب ڏئي رکيا وڃن، جيئن سنڌي سکيا ۽ تعليم ۾ آساني ٿئي. گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر تهمينه مفتي، مدد علي سنڌي، ڊاڪٽر اسحاق سميجي، پروفيسر ادريس جتوئي، مختيار ملاح، تاج جويو، اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل ،ڊاڪٽر احسان دانش، ارشاد سومري، ڊاڪٽر رخسانه پريت، امر فياض ٻرڙي ۽ پروفيسر ڪمليشور لوهاڻي شرڪت ڪئي.

## الوداعي تقريب



سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي مان ۾ 4 مارچ 2022ع تي اداري جي عملدارن ۽ ملازمن پاران الوداعي تقريب ٿي گذري. ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد علي مانجهي عملدارن سان مخاطب ٿيندي چيو ته منهنجي خوش نصيبي آهي جو ماءُ ٻوليءَ جي بقا، تحفظ ۽ ترقي لاءِ جوڙيل هن اداري ۾ خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو منهنجي هيءَ ذميواري سنڀالڻ وقت پوري دنيا ۾ ڪورونا وبا سبب زندگي جام ٿيل هئي، ڪم ڪار بند هئا، ان جي باوجود اوهان سڀني جي گڏيل محنت سان اداري جي مقصدن جي حاصلات لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي، ان مختصر عرصي ۾ سيمينار، ڪانفرنسون، تربيتي ورڪشاپ ڪراياسين، جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ دنيا سان گڏ هلڻ لاءِ انٽرنيٽ ۽ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي شعبي ۾ نوان پروگرام شروع ڪيا، ڪتاب ۽ لغتون آن لائين ڪيون ويون، "سنڌو لکت ميوزيم" جو قيام عمل ۾ آيو. اهو سڀ ڪجهه اوهان سمورن جي محنتن جو نتيجو آهي. آئون جتي به هوندس، هن اداري جا ماڻهو وڻ ۽ ٻوٽا مونکي ياد رهندا. ان موقعي اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل چيو ته ڊاڪٽر مانجهي صاحب کان تمام گهڻو سکڻ لاءِ مليو سندس سربراهيءَ ۾ اداري نون ڪمن جي شروعات ڪئي ۽ رهيل ڪمن کي پڻ جاري رکيو. هن چيو ته اسان کي ٽيم ورڪ طور ڪم ڪرڻ سان ئي ڪاميابيون ملي سگهن ٿيون ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري اداري جي مقصدن کي سامهون رکندي ڪم ڪيو. ان موقعي تي عملدارن ۽ ڪارڪنن ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ کي گلدستا ۽ اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا.

# وڇوڙا

**امداد حسيني:** سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ شاعر امداد حسيني 27 آگسٽ 2022ع تي، 82 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. امداد حسيني 10 مارچ 1940ع تي ٽنڊي محمد خان لڳ ڳوٺ ٽکڙ ۾ جنم ورتو. 1973ع ۾ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ سنڌي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ مقرر ٿيو ته ماهي مهراڻ جو ايڊيٽر ۽ 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري پڻ رهيو. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس ۽ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو. سندس تدفين اباڻي ڳوٺ وسي ملوڪ شاهه ٽکڙ ۾ ٿي. جنازي نماز ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي سميت عالمن، اديبن، دوستن ۽ عزيزن سميت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. امداد حسيني سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو.



**محمد عمر چنڊ:** سنڌ جي نامياري محقق ۽ ليکڪ محمد عمر چنڊ 12 سيپٽمبر 1944ع تي ڳوٺ نئون آباد ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڪنڊياري، ٽنڊي محمد خان، هالا مان حاصل ڪيائين. ايم. اي ڍاڪا يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد جي حيثيت سان ڪئي، ان بعد دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بطور استاد پڙهائيندو رهيو. هن سنڌي ٻولي، لسانيات، سنڌ جي تاريخ ۽ خاص طور تي حُر تحريڪ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو. محمد عمر چنڊ 10 نومبر 2022ع تي نيوزي لينڊ ۾ وفات ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي پونئرن سان تعزيت ڪندي ڏک جو اظهار ڪيو.



**جمن دربدر :** سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو شاعر جمن دربدر 20 آڪٽوبر 2022ع تي وفات ڪري ويو. جمن دربدر 12 مئي 1944ع تي عمرڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ روحل واهه ۾ جنم ورتو. هن 1968ع ۾ شاعري شروع ڪئي، سندس شاعري نوجوانن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. هو هڪ ئي وقت ڊراما آرٽسٽ ۽ ڊراما نويس پڻ هو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي عمرڪوٽ وڃي، سندس ڪٽنب سان تعزيت ڪئي.



**ڊاڪٽر حبيب الله صديقي:** سنڌ جو ناليوارو تعليمدان، عالم ۽ اديب ڊاڪٽر حبيب الله صديقي 22 آڪٽوبر 2022ع تي وفات ڪري ويو. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي پهرين جنوري 1937ع ۾ پاٽ شريف ۾ جنم ورتو. هن پاٽ شريف، ٺرڙي محبت، پيداپور، ٽنڊي رحيم خان ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو. هُن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن تي کيس بين الاقوامي ميڄتا ۽ ايوارڊ پڻ مليا. سندس وفات تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي.



**ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل:** سنڌ جو ناليوارو اديب، تعليمدان، تاريخ جو ڄاڻو ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل 03 نومبر 2022ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل 12 آگسٽ 1935ع تي ٽنڊي باگي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم اُتي ئي حاصل ڪئي. ان بعد حيدرآباد ۽ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد ترڪي حڪومت جي اسڪالرشپ تي اُتان پي ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. هو ترڪيءَ ۾ پاڪستان جو ادبي ۽ ثقافتي سفير، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، قائداعظم اڪيڊمي ۽ ڊاڪٽر اين. اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو. هُن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لاتعداد مقالا ۽ مضمون لکيا. ترڪي ٻوليءَ جي گرامر تي ٻه ڪتاب لکيائين، جيڪي پاڪستان سميت ترڪيءَ ۾ به شايع ٿيا. ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل جي وفات تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي پونئرن سان تعزيت ڪندي ڏک اظهار ڪيو.



**نذير چانڊيو:** 27 مئي 2022ع تي سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي ويڊيو ايڊيٽر نذير احمد چانڊيي جي وڇوڙي تي اداري پاران تعزيتي گڏجاڻي ٿي گذري. تعزيتي گڏجاڻي کي مخاطب ٿيندي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل چيو ته "نذير چانڊيو انتهائي فرض شناس ۽ ڊيوٽي جو پابند ملازم هو اهو ئي سبب آهي جو بيماريءَ دوران به آفيس اچي پهچندو هو. اڄ سندس وفات تي دلي صدمو پهتو آهي. هن چيو ته اداري پاران نذير جي پونئيرن جي مالي معاونت ڪئي ويندي، بيماريءَ جي علاج دوران اداري ۽ ملازمن پڻ سندس هر ممڪن مدد ڪئي. ان موقعي تي هارون عنايت عباسي ۽ زاهد اوٺي پڻ مرحوم کي ڀيٽا پيش ڪئي، جڏهن ته فيض محمد ٻٽافي سندس ايصال ثواب لاءِ دعا گهري. ٻئي طرف اداري جي عملدارن هارون عنايت ۽ ٻين ميهڙ لڳ ڳوٺ ٻٽا پهچي نذير احمد جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ وارثن سان تعزيت ڪئي.



